# عظمتِ مصطفیٰ ﷺ

داعي تحريڪ خلافت ۽ باني تنظيم اسلامي

ڊاڪٽر اسرار احمد رحمةُ الله عليه

جي هڪ فڪر انگيز خطاب جو سنڌي ترجمو

بمقام: فور سيزنز هال لاهور، پهرين جولاءِ 1999ع

ناشر

## انجمن خدام القرآن سنڌ
## ڪراچي

كتاب جو نالو: عظمت مصطفيٰ ﷺ

مقرر: ڊاڪٽر اسرار احمد رحمةالله عليه

ترجمو: ابو يحيٰ محمد اسحاق پنهور

ڇپائيندڙ: مدير شعبہ مطبوعات انجمن خدام القرآن سنڌ - ڪراچي

B-375، پهرين منزل، علامہ شبير احمد عثماني روڊ، بلاڪ - 6، گلشن اقبال، ڪراچي

ٽيليفون: 021-34993436-7

مقام اشاعت: شعبہ مطبوعات قرآن اڪيڊمي ياسين آباد شارع قرآن اڪيڊمي بلاڪ 9، فيڊرل بي ايريا، ڪراچي

ٽيليفون:021-36806561

اي- ميل: publications@quranacademy.com

ڇاپيندڙ: القادر پرنٽنگ پريس - ڪراچي

تعداد: 1100

ڇاپو پهريون: جنوري 2015ع

# عظمت مصطفيٰ ﷺ

داعي تحريڪ خلافت ۽ باني تنظيم اسلامي
و موسس انجمن خدام القرآن
ڊاڪٽر اسرار احمد رحمةُ الله عليه
جو هڪ فڪر انگيز خطاب
بمقام : فور سيزنز هال لاهور، پهرين جولاءِ 1999ع

معزز حاضرين! توهان کي معلوم آهي تہ منهنجي اڄ جي تقرير جو موضوع آهي عظمت مصطفيٰ ﷺ. ان موضوع تي سڀ کان پهرين تہ مونکي ڪجھ تمهيدي نقطا توهان جي سامهون رکڻا آهن تہ نبي اڪرم ﷺ جي زندگيءَ جا مختلف رخ آهن. هڪ تہ پاڻ ﷺ جو مقام ۽ مرتبو ۽ عظمت بحيثيت نبي ۽ رسول ۽ ٻيو آهي پاڻ ﷺ جو مقام بلند ۽ عظمت بحيثيت انسان. وري انسان جي حيثيت سان بہ پاڻ ﷺ جي زندگي جو هڪڙو رخ روحانيت جو آهي، يعني پاڻ ﷺ جو مقام ۽ مرتبو روحاني اعتبار سان ۽ ٻيو رخ عام انساني معاملات جو آهي. جنهن مان هر انسان کي هر صورت ۾ ضرور گذرڻو پوي ٿو ۽ اهو مختلف حيثيتن سان هن دنيا ۾ رهي ٿو. عظمت محمدي ﷺ جا جيڪي مختلف رخ آهن، انهن مان ڪجھ جي باري ۾ اها ڳالھ چڱيءَ طرح سمجهي ڇڏڻ گهرجي تہ انهن مان ڪجھ رخن جو بيان تہ ڇا پر انهن جي سمجھ ۽ شعور ۽ فهم بہ اسان جي لاءِ ناممڪن آهي. هڪ سادو مثال آهي تہ جهڙي طرح ڪنهن حڪيم يا ڊاڪٽر جو مقام، مرتبو ۽ ان جي فني محارت جو اندازو ٿورو گهڻو جي تي سگهي ٿو تہ صرف ڪنهن حڪيم يا ڊاڪٽر کي ئي تي سگهي ٿو اهڙي طرح ڪنهن انجنيئر جي پنهنجي ڪم ۾ ڪهڙي حيثيت آهي ان جو ٿورو گهڻو جيڪر اندازو تي سگهي ٿو تہ اهو بہ صرف ان ڪم جي ڄاڻو کي ئي تي سگهي ٿو نہ کي ڪنهن ٻئي کي. تنهنڪري نبيءَ جي حيثيت سان نبي اڪرم ﷺ جو مقام ۽

مرتبو ڇا آهي، ان جي سمجهه صرف ڪنهن نبيءَ کي ئي ٿي سگهي ٿي، ڪنهن غيرِ نبيءَ جي لاءِ اهو محال عقلي آهي جو اهو سمجهي سگهي. وري اهو ته ڪنهن به اداري يا فرم ۾ ڪنهن ماڻهوءَ جي ڇا حيثيت آهي ان جو اندازو به صرف اهو ماڻهون ئي ڪري سگهي ٿو جيڪو ان ڪا مٿاهين حيثيت وارو هجي ڇو ته ان ڪان هيٺ جيڪو ماڻهون هوندو اهو صرف ان ڏانهن ڏسي ئي سگهندو، ان جي لاءِ اهو ممڪن ئي نه آهي ته پاڻ ڪان بلند مقام ۽ مرتبي جي انسان جي مقام ۽ مرتبي کي سمجهي سگهي. بجاءِ اهو ته ڪو به عام انسان يا غير نبي حضور ﷺ جي مقام ۽ مرتبي جو اندازو ڪري سگهي. اهڙي طرح روحاني اعتبار سان حضور ﷺ جو مقام ۽ مرتبو ڇا آهي؟ ظاهر آهي ته اسان جهڙي عام انسان لاء ان جو شعور ۽ سمجهه ممڪن ئي نه آهي. انهن مان ڪجهه ڳالهيون مان توهان جي اڳيان عرض ڪيان ٿو.

ڪجهه ڳالهين جي باري ۾ ته پاڻ حضور ﷺ به اهو واضع ڪيو آهي ته، توهان جي لاءِ اهو ناممڪن آهي ته توهان ان جو اندازو ڪري سگهو. مثال طور حضور ﷺ صومِ وصال رکندا هئا. صومِ وصال ان روزي کي چوندا آهن ته توهان اڄ روزو رکيو ۽ شام جو ان کي افطار نه ڪيو ۽ اهو روزو رات کان گذري اڳئين ڏينهن تائين هليو ۽ اهو ٻئي ڏينهن شام جو وڃي افطار ڪيو ويو، ته اهو ٻن ڏينهن جو صومِ وصال ٿيو، اگر اهائي ڳالهه اڳيان ٽئين ڏينهن تائين هلندي ته اهو ٽن ڏينهن جو صومِ وصال ٿيندو. پاڻ ﷺ اهو صومِ وصال رکندا هئا، پر پنهنجي ساٿين صحابه ڪرام رضي الله تعالىٰ عنهم کي منع ڪندا هئا. جنهن تي ڪنهن ساٿي رضي الله تعالىٰ عنه سوال ڪيو، ته پاڻ ﷺ فرمايو: وَأَيُّكُمْ مِثْلِي (1) ..... توهان مان ڪير آهي جيڪو مون جهڙو آهي؟ إِنِّي أَبِيتُ عِنْدَ رَبِّي ......مان ته پنهنجي رب وٽ رات گذاريندو آهيان........ هُوَ يُطْعِمُنِي وَيَسْقِينِ......... هو مونکي کارائيندو آهي ۽ پياريندو آهي. اسان جي لاءِ ڪهڙي طرح ممڪن آهي ته اسان حضور ﷺ جي ان رات گذارڻ جو تصور به ڪري سگهون جيڪا الله وٽ گذرندي هئي، ان جي حالت ۽ ان جي ڪيفيت ڇا هوندي هئي؛ اهو کائڻ ۽ پيئڻ ڪهڙو هوندو

1) صحيح مسلم، كتاب الصيام، باب النهى عن الوصال فى الصوم و صحيح البخارى (ڪجهه مختلف لفظن) كتاب الاعتصام بالكتاب و السنة، باب ما يكره من التعمق و التنازع فى العلم و الغلو فى الدين-

هو. معلوم ٿيو ته اها ڳالهه به اسان جي دائري کان ٻاهر آهي. اها ته ٿي اسان جي ڳالهه، پر مان سمجهان ٿو ته وڏي کان وڏي ولي الله ۽ وڏي کان وڏي صوفيءَ جي لاءِ به اهو ممڪن نه آهي ته هو حضور ﷺ جي روحاني حيثيت جو پورو پورو اِدراڪ ڪري سگهي.

انهن ٻنهي رخن کان جڏهن اسان جي سمجهه، شعور ۽ ادراڪ عاجز آهن ته ان جو مفهوم اهو ٿيو ته ان ڪي بيان ڪرڻ يا بيان ڪرڻ جي ڪوشش ڪرڻ تمام وڏي خطا ۽ تمام وڏي غلطي آهي. اها وڏي خطا ڪهڙي طرح سان آهي؟ هڪ سادي مثال سان اها ڳالهه به سمجهه ۾ اچي ويندي. ڪنهن ڳوٺاڻي جي ڪائي مشڪل هئي جيڪا ڪنهن شهري ماڻهون حل ڪري ڏني، اهو شخص ڊپٽي ڪمشنر هو، پر ان ڳوٺاڻي ان کي دعا ڏني ته الله توهانکي تپيدار ڪري، ڇو ته ان ڳوٺاڻي لاءِ سڀ کان وڏو عهدو تپيدار جو هو، ان جي ٿورڙي قلم جي چرپر سان ان جي زمين ڪنهن ٻئي جي نالي ٿيو وڃي، انهيءَ جي قلم جي هڪڙي حرڪت سان ڍل معاف ٿيو وڃي، سڄا اختيارَ ان هاريءَ يا ڳوٺاڻي جا ان تپيدار جي هٿ ۾ آهن. ان کي ڪهڙي خبر ته هو جنهن شخص کي تپيدار ٿيڻ جي دعا ڏئي رهيو آهي ان جا اختيار ڪهڙا آهن، اهو ڪهڙي مقام بلند تي وينو آهي ۽ تپيدار کان وٺي ڊپٽي ڪمشنر تائين ڪيترا عهدا آهن جيڪي وچ ۾ موجود آهن، جنهن کي هو تپيدار ٿيڻ جي دعا ڏئي رهيو آهي.

انڪري انديشو اهو آهي ته اسان جيڪر حضور ﷺ جي انهن مقامات بلند کي بيان ڪرڻ جي ڪوشش ڪنداسين ته شديد خطرو آهي ته اسان حضور ﷺ جي توهين جو سبب بڻجنداسين، ان جي لاءِ ته پاڻ ﷺ جي مقام جو ڪماحقهٗ (پورو جو پورو) ته بيان ممڪن ئي نه آهي ۽ جڏهن پاڻ ﷺ جي مقام جو ڪماحقهٗ بيان ممڪن ئي نه آهي ته اسان پنهنجي تصور جي مطابق بيان ڪنداسين ۽ جيڪو تمام گهٽو گهٽ هوندو حضور ﷺ جي اصل مقام ۽ مرتبي جي اعتبار سان ۽ اهڙي طرح توهين ٿيندي. شيخ سعدي هن سڄي گفتگو کي نهايت سادگي سان پنهنجي ٻن شعرن ۾ بيان ڪيو آهي ته:

يَاصَاحِبَ الْجَمَالِ وَيَاسَيِّدَ الْبَشَرِ

مِنْ وَجْهِكَ الْمُنِيْرِ لَقَدْ نُوْرُ الْقَمَرِ

لَايُمْكِنُ الثَّنَاءَ كَمَاكَانَ حَقُّهٗ

بعد از خدا بزرگ توئی قصه مختصر

”حضور ﷺ جي ثنا جو جيترو حق آهي اسان جي لاءِ اهو ممڪن ئي نه آهي. تنهڪري ،لَايُمْكِنُ الثَّنَاءَ كَمَاكَانَ حَقُّهٗ بس اسان ڪي رڳو اهو چئي ۽ ان ڳالھ جي ئي جهوليءَ ۾ پناھ وٺڻي آهي تہ بعد از خدا بزرگ توئی قصہ مختصر. الله کان پوءِ پاڻ ﷺ جي ئي هستي بلند ترين ۽ عظيم ترين آهي.“

ان ڪي ڪهڙي طرح بيان ڪيون، ڇا بيان ڪيون، اسان جو تصور، تصور کان بہ اڳتي تخيل بہ سجدي ۾ ڪريو پيو آهي جو ان مقام بلند ۽ مقام رفيع جو ادراڪ ۽ شعور بہ ڪري نٿو سگهجي. انهيءَ ڳالھ کي تمام خوبصورت انداز ۾ غالب بيان ڪيو آهي تہ:

غالب ثناء خواجہ بہ یزداں گذاشتیم

کانِ ذاتِ پاک مرتبہ دانِ محمد صلی اللہ علیہ وآلہٖ وسلم است

”اسان آنحضور ﷺ جي ثنا ۽ حمد کي الله جي حوالي ڪري ڇڏيو آهي اسان ان جي ڪوشش بہ نٿا ڪريون، ان لاءِ جو اهائي ذات پاڪ آهي جيڪا محمد ﷺ جي مقام ۽ مرتبي کان واقف آهي.“

# پاڻ ﷺ جي زندگيءَ جا سمجھ ۾ اچڻ جوڳا رخ

مون بن رخن کان حضور ﷺ جي مقام ۽ مرتبي کي پنهنجي بيان جي دائري کان بلند و بالا، برتر، اعليٰ و ارفعہ سمجهيو آهي ۽ انهيءَ کري بيان کان خارج قرار ڏنو آهي. اسانجي سمجھ ۾ حضور ﷺ جي عظمت جا جيڪي رخ ٿورا گهڻا اچي سگهن ٿا اهي آهن پاڻ ﷺ جي عظمت بحيثيت انسان، پر انهن جو بہ تجزيو ڪنداسين تہ ان جا بہ بيشمار پهلو آهن. مثال طور:

حضور ﷺ جي حيثيت ۽ پاڻ ﷺ جو مقام بحيثيت سپہ سالار ڇا هو؟

اهو وڏن وڏن جرنيلن کان پڇو تہ پاڻ ﷺ مختلف غزوات ۾ جيڪي جنگي حڪمت عمليون اختيار ڪيون ان ۾ پاڻ ﷺ ڪهڙي محارت جو ثبوت ڏنو آهي. جڏهن تہ پاڻ ﷺ بدر کان پهرين ڪنهن بہ جنگ ۾ حصو نہ ورتو آهي. بدر کان پهرين ڪجھ مهمات ۾ شريڪ رهيا آهن، پر باقائده جنگ جي نوبت نہ آئي هئي. پر دنيا دنگ آهي تہ جنگ جي مهارت ۽ ان جي حڪمت عملي کي جوڙڻ ۽ متعين ڪرڻ ۾ پاڻ ﷺ ڪيتري صلاحيت ۽ قابليت جو ثبوت ڏنو آهي. وري ڪنهن سان صلح ڪرڻو هوندو هئن تہ صلح جي ڳالھ ٻولھ Negotiations ۾ پاڻ ﷺ ڪهڙي محارت، واقفيت ۽ اهليت جو مظاهرو ڪيو آهي؟ صلح حديبہ هجي، ميثاق مدينہ هجي يا ان کان اڳ يثرب جي مختلف قبيلن کي هڪ ٻئي سان ملائڻ لاءِ پاڻ ﷺ جيڪي معاهده ڪيا آهن. انهن جو مطالعو ڪيو تہ عقل دنگ رهجيو وڃي. قاضي القضاۃ Chief Justice جي حيثيت سان پاڻ ﷺ جو مقام ۽ مرتبو ڇا آهي؟ اڄ بہ دنيا ۾ Judiciary جا جيڪي اصول آهن، اهي سڀ جا سڀ محمد رسول الله ﷺ جا عطا ڪيل آهن. مثال طور: ڪنهن بہ مقدمي ۾ هڪڙي ڏر کي ٻڌي فيصلو نہ ڪريو، جيستائين ٻيءَ ڏر کي نہ ٻڌي وٺو. هي اصول پاڻ ﷺ جو بيان ڪيل آهي، شڪ جو فائدو ملزِم کي ڏنو ويندو، الزام لڳائڻ واري کي نہ. اهو فيصلو مُحَمَدُ رسول الله ﷺ جو آهي. اهڙي طرح هي اصول بہ پاڻ ﷺ ڏنو تہ ڀلي سئو ڏوهاري ڇٽي وڃن پر هڪڙي بہ بيگناه کي سزا نہ ملڻ گهرجي. عالمي سطح تي پورو موجوده Judiciary جو نظام انهن ئي اصولن تي قائم آهي، اها ٻي ڳالھ آهي تہ اسان وٽ Corruption خانو خراب ڪيو آهي. اصول غلط نہ آهن، Judiciary جا اصول تہ محمد رسول الله ﷺ جا ڏنل آهن. اسان جي خيانت، اسان جون بداعماليون، اسان جون جانبداريون، اسان جو وڪجي وڃڻ، اسانجو سياسي ماڻهن جو هٿيار تي وڃڻ وغيره، اهي شيون آهن جن عدليہ جو خانو خراب ڪيو آهي، پر جيستائين اصولن جو تعلق آهي اهي تہ ساڳيا ئي آهن جيڪي محمد عربي ﷺ ڏنا آهن.

اِن ڪان بہ ٿورو هيٺ اچو، تہ پاڻ ﷺ جو پيءُ جي حيثيت سان ڪردار ڇا آهي؟ اهو حضرت فاطمہؓ ڪان پڇو. بحيثيت مڙس پاڻ ﷺ جي عظمت ڇا آهي؟ اهو حضرت عائشہؓ ڪان پڇو، حضرت اُمِ سلمہؓ ڪان پڇو، حضرت حفصہؓ ڪان پڇو. وري هڪ ناٺي هُئڻ جي حيثيت سان پاڻ ﷺ جي عظمت ۽ ڪردار ڇا هو؟ حضرت عمرفاروقؓ ڪان پڇو، حضرت ابوبڪرؓ ڪان پڇو. جيترا بہ انساني معاملا ٿي سگهن ٿا، اُنهن جي لحاظ سان پاڻ ﷺ جي عظمت ۽ ڪردار جي بلندي ٿوري گهڻي اسان جي سمجھ ۾ اچي سگهي ٿي.

## عظمتِ مُصطفيٰ ﷺ بحيثيت هڪ انقلابي

اهڙيءَ طرح هڪ داعي جي حيثيت سان پاڻ ﷺ جو ڇاڪردار آهي؟ هڪ مربي جي حيثيت سان پاڻ ﷺ جو ڇا مقام آهي؟ هڪ معلم جي حيثيت سان پاڻ ﷺ جو ڇا مقام آهي؟ هڪ مزڪي جي حيثيت سان پاڻ ﷺ جو ڇا مقام آهي؟ هي سڀ اهي رخ آهن جيڪي ڪجھ نہ ڪجھ اسان جي سمجھ ۾ اچي سگهن ٿا، انهن جو ڪجھ ادراڪ ۽ شعور اسان ڪري سگهون ٿا. پر هنن سين حيثيتن يعني داعي، مربي، مزڪي، معلم، مبلغ کي جيڪر مان هڪ لفظ ۾ جمع ڪرڻ چاهيان يعني هڪ انقلاب جي لاءِ سڌيندڙ ۽ هڪ انقلاب عظيم آڻڻ واري جي حيثيت سان پاڻ ﷺ جو مقام ۽ مرتبو ڇا آهي؟ ٻين لفظن ۾ اسان جن رخن سان حضور ﷺ جي عظمت کي سمجهي سگهون ٿا، انهن مان سڀ ڪان نمايان رخ اهو آهي تہ پاڻ ﷺ جن جيڪا تبديلي آندي يا اصطلاحن جيڪو عظيم انقلاب آندو ، ان انقلاب جو مطالعو ڪيو وڃي، ان جي نتيجن تي غور ڪيو وڃي، ان جي لاءِ جيڪا جدوجهد ٿي آهي ان ۾ جيڪي مرحلا آيا آهن، انهن جي باري ۾ غور ڪيو وڃي تہ واقعي حضور ﷺ جي اصل عظمت نمايان ٿي سامهون اچي ٿي. تنهڪري اهو آهي پاڻ ﷺ جي عظمت جو اهو رخ جنهن جو اعتراف پوري دنيا ڪيو آهي ۽ ان جي شاهدي بہ پوري دنيا ڏئي ٿي.

## غير مسلمن جو اعتراف ۽ شاهدي

حقيقت اها آهي تہ ويهين صدي ان اعتبار سان نمايان ترين صدي آهي تہ پوئين صدين جي دوران حضور ﷺ جي ذات مبارڪ سان جيڪو حسد غير مسلمن ۾ ملي ٿو، اهو آهستي آهستي هن صديءَ ۾ اچي گهٽ ٿيو آهي. هن صديءَ جي دوران پاڻ ﷺ جي ان رخ سان عظمت جو اعتراف ۽ اقرار رفتہ رفتہ ۽ تدريجن پوري دنيا ۾ ٿيو آهي. هن صدي جي بلڪل شروع ۾ 1920ع ۾ برڊ لاء هال لاهور ۾ ايم اين راءِ N.M Roy هڪ ليڪچر Lecture ڏنو جنهن جو موضوع هو The Historical Role of Islam. هي ڪتاب اڄ بہ پارت ۾ شايع ٿئي ٿو، جنهن کي بمبئي جو هڪ ناشر شايع ڪري ٿو. مون حيدرآباد دکن ۾ ان جو هڪ نسخو ڏٺو آهي، پر پاڪستان ۾ ڪٿي موجود نہ آهي. ايم اين راءِ ڪير هو؟ هي ڪميونسٽ انٽرنيشنل جو ميمبرهو. 1917ع ۾ روس ۾ اشتراڪي انقلاب آيو ۽ ان ڪانپوءِ پوري دنيا ۾ انجي شهرت ٿي آهي. ان ڪان پوءِ عالمي سطح تي ڪميونزم جي جيڪا تنظيم ٿهي اها ڪميونسٽ انٽرنيشنل چورائيندي هئي. پوري دنيا ۾ جيڪي چوٽي جا انقلابي ليڊر هئا اهي هن تنظيم جا ميمبر هئا. ايم اين راءِ پارت جي طرفان ان جو ميمبر هو ۽ تمام وڏو انقلابي هو. پر هو The Historical Role of Islam ۾ صاف صاف چئي ٿو ۽ وڏي تفصيل سان بيان ڪري ٿو تہ تاريخ انساني جو عظيم ترين انقلاب اهو هو جيڪو محمد عربي (رسول الله ﷺ) آندو آهي.

حضور ﷺ ۽ ان جي ساٿين رضي الله عنهم جنهن تيزيءَ سان فتحون حاصل ڪيون آهن ۽ عراق، شام، ايران، مصر جنهن تيزي سان فتح ڪيا، جڏهن تہ ان تيزيءَ سان تاريخ انساني ۾ فتحون اڳ ۾ بہ ٿيون آهن، جيڪي رڪارڊ تي آهن، مثال طور: سڪندر اعظم مقدونيہ ڪان هليو هو، جنهن کي هاڻي Macedonia سڏين ٿا، ۽ درياءِ بياس تائين پهتو، جنهن تيزيءَ سان هو علائقا فتح ڪندو هتي پهتو حقيقت اها آهي تہ اهو پنهنجي جڳهہ تي تمام وڏو مثال آهي. هي تہ

اولھ کان اوپر ڏانھن ھليو ھو، جڏھن تہ اُتيلا اوپر کان اولھ ڏانھن ويو ھو چين جي اتر کان صحراءِ گوبي مان نڪري ڊينور جي وادي تائين وڃي پھتوھو. پر M.N Roy چوي ٿو تہ ھنن فاتحن جو فتحون صرف ملڪن جي فتح ڪرڻ جي ھوس جو نتيجو ھيون. ھو ھنن کي صرف Brute Military Campaigns قرار ڏيندي چوي ٿو تہ انھن جي نتيجي ۾ ڪابہ نئين تھذيب يا ڪابہ نئين تمدن وجود ۾ نہ آئي، دنيا ۾ ڪابہ نئين روشني نہ پکڙي، ڪو بہ علم جو نئون دور نہ آيو. جڏھن تہ محمد عربي ﷺ ۽ پاڻ ﷺ جي جان نثارن ﷢ جي جدوجھد جي نتيجي ۾ جيڪي فتحون وڏي تيزي سان ٿيون آھن انھن جي نتيجي ۾ ھڪ نئي تمدن، نئي تھذيب، علم جي روشني، ۽ انساني قدرن جو واڌارو وجود ۾ آيو آھي. ھڪ اھڙو معاشرو وجود ۾ آيو جيڪو ھر طرح جي ظلم ۽ زيادتي کان پاڪ ھو، ان ۾ ڪو بہ سياسي جبر نہ ھو، ان ۾ معاشي استحصال نہ ھو، ان ۾ ڪا بہ سماجي ھيٺ مٿاھين نہ ھئي. جيئن علامہ اقبال محمد رسول الله ﷺ جي باري ۾ چيو آھي تہ:

در شبستانِ حرا خلوت گزید

قوم و آئین و حکومت آفرید

دنيا ۾ ڀيا بہ وڏا وڏا ماڻھون رھيا آھن جن سالن جا سال غارن ۾ وڏيون وڏيون رياضتون ڪيون آھن، پر محمد عربي ﷺ ڪجھ ڏينھن جيڪي غار حرا جي اڪيلائي ۾ گذاريا آھن اھي ڪيترا Productive ۽ ڪيترو ان جو نتيجو ظاھر ٿيو آھي جو ھڪ نئين قوم، نئون تمدن، نئون آئين ۽ حڪومت وجود ۾ آئي آھي. ھيءَ آھي پاڻ سڳورن ﷺ جي اھا عظمت جنھن جو اِظھار 1920ع ۾ M.N Roy ھن صديءَ جي پھرين چوٿائيءَ جي آخري سالن ۾ ڪيو، جيڪو مسلمان نہ ھو، ھندو ڪميونسٽ ھو.

ٻئي پاسي ويھين صديءَ جي آخري چوٿائي جي شروعاتي سالن ۾ آمريڪا ۾ ڊاڪٽر مائيڪل ھارٽ جو ڪتاب The Hundred 1980ع ۾ منظر عام تي آيو. جنھن ۾ ھن پوري معلوم انساني تاريخ جو جائزو ورتو آھي تہ تاريخ

جي هن سفر جي دوران ڪهڙين شخصيتن هن تاريخ جي وهڪري جو رخ موڙيو آهي. هن اهڙن هڪ سئو ماڻهن کي چونڊي انهن تي ڪتاب لکيو آهي ۽ انهن جي اندر بہ درجي بندي Gradation ڪئي آهي تہ ڪهڙي شخص سڀ کان وڌيڪ تاريخ جي وهڪري کي متاثر ڪيو آهي ۽ سڀ کان وڌيڪ ڳنڀير انداز ۾ ان کي موڙيو آهي ۽ هو محمد رسول الله ﷺ کي پهرئين نمبر تي آڻي ٿو. ان ڪتاب جو ليکڪ تا حال عيسائي آهي، اجان جيئروآهيٰ. پر حضرت عيسيٰ کي ٽئين نمبر تي آندو اٿس، جڏهن تہ نيوٽن کي ٻئين نمبر تي آندو اٿس، نيوٽن جي فزڪس جهڙي نموني سان تاريخ انساني کي متاثر ڪيو آهي ان ۾ حقيقتن ڪوبہ شڪ نہ آهي. سائنس ۽ ٽيڪنالوجي جي هن پوري Explosion جي شروعات نيوٽن آهي. شخصيتن جي چونڊ ۽ درجي بنديءَ ۾ ليکڪ ڪوبہ مذهبي رخ سامهون نہ رکيو آهي ۽ نہ ئي پنهنجي عقيدن کي سامهون رکيو اٿس. پر ان جو موضع اهو آهي تہ تاريخ انساني ۾ ان جي وهڪري کي موڙڻ واريون شخصيتون ڪهڙيون آهن. انهن ۾ پهرئين نمبر تي محمد رسول الله ﷺ ، نمبر ٻہ تي نيوٽن، نمبر ٽي تي حضرت عيسيٰ عليہ سلام آهي. مسلمانن مان صرف هڪ ٻي شخصيت کي هن ان فهرست ۾ شامل ڪيو آهي ۽ اهو آهي حضرت عمر فاروق رضي الله عنه جنهن کي هن پنجاهين نمبر تي آندو آهي.

اتي هڪ سوال اڀري ٿو بلڪ هن خود ان سوال کي اٿاريو آهي تہ مان هڪ عيسائي آهيان ۽ عيسائي هوندي محمد رسول الله ﷺ کي پهرئين نمبر تي ڪهڙي اعتبار سان رکي رهيو آهيان؟ ان جو جواب بہ هو پاڻ ئي ڏئي ٿو:

This is because he is the only person supremely successful in both .the religious and the secular fields

هي هڪڙو گهرو ۽ معنيٰ خيز جملو آهي. پر ان کي سمجهڻ جي لاءِ پهرين اهو سمجهڻو پوندو تہ هاڻوڪي عالمي ماحول، انساني زندگي کي ٻن جدا جدا خانن ۾ تقسيم ڪري ڇڏيو آهي. هڪ مذهب جو خانو آهي جنهن جو تعلق

اجتماعيت سان نہ آهي ان جو تعلق صرف انفراديت سان آهي هر فرد کي اجازت آهي جنهن کي چاهي مڃي، جنهن تي چاهي يقين رکي، هڪڙي خدا کي مڃي سئو کي مڃي، ڪنهن کي نہ مڃي. ان کي پوري آزادي حاصل آهي، جنهن کي چاهي پوڄي، پٿرن کي پوڄي، تارن کي پوڄي، چنڊ کي پوڄي، ايستائين جو اعضاءِ تناسل کي پوڄي، اهو سڀ ٺيڪ آهي ۽ ان جي اجازت بہ آهي. پر اهو معاملو انفرادي آهي. ان ۾ ڪجهہ عبادتن جي رسمن Rituals کان علاوه ڪجهہ ماڻهون سماجي ريتن رسمن Social Customs کي بہ شامل ڪن ٿا. مثال طور، ٻار ڄائو آهي تہ ان جي خوشي ڪيئن ملهايون، ڪو مري ويو آهي تہ ان جي مڙهہ کي ڪيئن ٺانيڪو ڪجي؟ دفن ڪيون، ساڙيون يا ڪنهن ميدان ۾ رکي ڇڏيون تہ پکي پکڻ کائي وڃن وغيره وغيره اها آزادي آهي. پر هي ٽي شيون عقيدا Dogma، عبادت جا طريقا Rituals، ۽ سماجي رسمن Social Customs جو تعلق انفرادي زندگي سان آهي. جڏهن تہ ٻئي پاسي معاشرتي، معاشي ۽ سياسي نظام جو تعلق زندگيءَ جي سيڪيولر ميدان سان سمجهيو وڃي ٿو، جنهن جو ڪنهن مذهب سان ڪوبہ تعلق نہ آهي. ان تي ماڻهون پاڻ غور ڪندا، انهن جا نمائندا پاڻ ۾ ملي ويهندا ۽ غور ڪري فيصلو ڪندا ۽ اهي ملي اڪثريت راءِ سان جيڪا ڳالهہ طئِ ڪري وٺن انهن سماجي قدرن کي پڪيڙيو ويندو، جيڪو بہ اڪثريت سان طئِ ڪري وٺن تہ هي سماجي برايون آهن انهن کي ختم ڪيو وڃي تہ انهن کي ختم ڪيو ويندو ۽ جي هو شراب جي اجازت ڏيڻ چاهين تہ اجازت ڏين جي پابندي لڳائڻ چاهين تہ پابندي لڳائي ڇڏين. زنا کي قابل دست اندازيءَ پوليس ڏوهہ قرار ڏيڻ چاهيندا تہ ڏئي ونندا، اگر زنا بِل رضا آهي تہ اها ڪابہ ڏوهہ واري ڳالهہ نہ آهي، اگر ڪنهن مڙس جي حق تلفي ٿي آهي تہ هو وڃي ۽ ڪنهن سول عدالت ۾ وڃي ڪيس داخل ڪري. اهڙي نموني سان جي چاهيندا تہ ٻن مردن جي شادي کي بہ قانوني حيثيت ڏئي ڇڏيندا تہ هڪ مرد، ملڪي قانون ۾ جيڪر مڙس جي حيثيت رکندو تہ ٻيو وري زال جي حيثيت ۾

هوندو. چئبو تہ سماجي، معاشي ۽ سياسي معاملن ۾ ڪنهن بہ مذهب جو ڪوبہ تعلق نہ آهي ڇو تہ اها Secular field of life آهي.

هاڻي سمجهو تہ ڊاڪٽر مائيڪل هارٽ جي چونڊ جو مقصد اهو آهي تہ انسانن جي تاريخ ۾ جيتريون بہ عظيم شخصيتون آهن، اهي يا تہ هڪ طرف بلند آهن تہ ٻئي پاسي انهن لاءِ ڪابہ جڳهہ نہ آهي ۽ جيڪي ٻئي پاسي بلند آهن تہ اڳئين پاسي انهن جي ڪابہ جڳهہ نہ آهي بلڪل ٻڙي، پر تي سگهي ٿو تہ ٻڙي مان بہ ڪم نہ هلي ۽ ڪا منفي قدر ان ڪي ڏيڻي پوي. مثال طور، اوپر ۾ گوتم ٻڌ، اولهہ ۾ حضرت مسيح، ٻنهي جي مذهب ۽ روحانيات جي ميدان ۾ پوئلڳن جي تعداد جي مقدار سان ڪيتري عظمت آهي پر رياست، سياست ۽ معاملات ملڪي ۾ انهن جو ڪو بہ مقام، ڪوبہ حصو ۽ مرتبو نہ آهي، بلڪل ٻڙي. اهڙي طرح ٻئي پاسي اٿيلا هجي، يا سڪندر اعظم هجي يا ٻيا بہ وڏا وڏا حڪمران جيڪي دنيا ۾ گذريا آهن اهي سيڪيولر ميدان ۾ تہ تمام مٿاهين تي آهن پر مذهبي ميدان ۾ ايتري تہ پستي جو شڪار آهن جو ٿي سگهي ٿو تہ ٻڙي مان بہ ڪم نہ هلي ٻڙي ڪان بہ گهٽ ڪا رقم ڏيڻي پوي، خاص ڪري سڪندر اعظم جي لاءِ تہ ڪا ڪاٽو رقم آڻڻي پوندي. ڊاڪٽر مائيڪل هارٽ جو چونڊ هي آهي تہ پوري انساني تاريخ ۾ صرف ۽ صرف هڪ ئي انسان آهي The only person آهي جو ٻنهي ميدانن ۾ انتهائي مٿاهين چوٽيءَ تي آهي.

He is the only person supremely successful in both the religious and .the secular fields

ان جي چونڊ جو مقصد اهو آهي تہ ٻيو ڪوئي آهي ئي ڪونہ تہ ان جو مقابلو ڇا ڪجي.

هي مون توهانکي صديءَ جي هِن سري ۽ هُن سري مان بہ مثال ڏنا آهن، هاڻي ڪجھ صديءَ جي وچ مان بہ هڪڙو مثال ڏياتو. H.G Wells برطانوي سائنس فڪشن جي ليکڪ جي حيثيت سان تمام وڏي شهرت رکي ٿو. ان تمام سنا سنا ناول ۽ ڪهاڻيون لکيون جن ۾ هن اهو Reflect ڪيو تہ سائنس

ڪاڏي پئي وڃي. سائنس جون جيڪي ايجادون ۽ انڪشافات جيڪي اڄان ٿيڻا هئا انهن کي پهريان کان Visualize ڪري انهن تي هن پنهنجي ناولن ۽ ڪهاڻين جا بنيادي خاڪا رکيا. تنهڪري هو Scientific Fiction جي ليکڪ طور گهڻو مشهور آهي. پر ان سان گڏ هن تاريخ عالم تي به ڪتاب Short History of the world ۽ Concise history of the world به لکيا آهن. پهريون ڪتاب ڪجهه وڌيڪ ضخيم آهي ۽ ان ۾ آنحضور ﷺ تي جيڪو باب آهي ان ۾ هن (مان پنهنجي دل تي جبر ڪري ٻڌائي رهيو آهيان ته) شروع ۾ حضور ﷺ جي ذاتي، نجي ۽ خانگي زندگي تي نهايت ڪڌا حملا ڪيا اٿس. ائين سمجهو جيئن بن ملعونن ناليءَ جي مسلمانن، انگلينڊ ۾ سلمان رشدي ۽ بنگلاديش ۾ تسليمه نسرين، پاڻ ﷺ جي شخصيت تي جيترا حملا ڪيا آهن اوهڙائي حملا H.G Wells پاڻ ﷺ جي ذات مبارڪ تي خصوصن ذاتي خانگي زندگي تي ڪيا آهن، پر جڏهن باب جي آخر ۾ پهچي ٿو ۽ حجةالوداع جي خطبي جو ذڪر ڪري ٿو ته پاڻ ﷺ جي عظمت جي اڳيان گوڏا کوڙي خراج تحسين پيش ڪرڻ تي مجبور ٿي پوي ٿو. هو پاڻ ﷺ جا لفظ هوبهو نقل ڪري ٿو :

لَا فَضْلَ لِعَرَبِيٍّ عَلَى أَعْجَمِيٍّ وَلَا لِعَجَمِيٍّ عَلَى عَرَبِيٍّ وَلَا لِأَحْمَرَ عَلَى أَسْوَدَ وَلَا أَسْوَدَ عَلَى أَحْمَرَ إِلَّا بِالتَّقْوَى[1] اَلنَّاسُ كُلُّهُمْ بَنُوْ آدَمَ وَ آدَمُ خُلِقَ مِنْ تُرَابٍ[2]

اي انسانو! ڪنهن عربيءَ کي ڪنهن عجميءَ تي ۽ ڪنهن عجميءَ کي ڪنهن عربيءَ تي ڪابه فضيلت نه آهي اهڙي طرح ڪنهن گوري کي ڪنهن ڪاري تي ۽ ڪنهن ڪاري کي ڪنهن گوري تي ڪابه فضيلت نه آهي. فضيلت جي بنياد صرف تقويٰ آهي. سڀ انسان آدم جو اولاد آهن ۽ آدم جي تخليق مٽي سان ٿي آهي.

انهن جملن جو هو باقائدي حوالو ڏئي ٿو ۽ پوءِ لکي ٿو:

Although the sermons of human freedom, fraternity and equality were said before, we find a lot of these sermons in Jesus of Nazareth,

1) مسند احمد، مسند الانصار، حديث رجل من أصحاب النبى صلى الله عليه وسلم

2) سنن الترمذى، كتاب المناقب؛ باب فى فضل الشام واليمن

but it must be admitted that it was Muhammad (P.B.U.H) Who for the first time in history established a society based on these principles.

”جڏهن ته انساني حريت، اخوت ۽ برابري جا واعظ ته دنيا ۾ پهريان به تمام گهڻا چيا ويا آهن ۽ اسان ڏسون ٿا ته انهن شين جي باري ۾ مسيح ناصري وٽ به تمام گهڻا نصيحتن جا واعظ ملن ٿا، پر اهو قبول ڪرڻ ڪانسواءِ ڪابه واٽ نه آهي ته اهي صرف مُحَمَدً عربي ﷺ هئا جن تاريخ انساني ۾ پهريون دفعو عملي طور تي هڪ باضابطہ معاشرو انهن ئي اصولن تي قائم ڪري ڏيکاريو.“

توهان ڪي اندازو آهي ته هي هڪ دشمن جو خراج تحسين آهي جيڪو مجيندڙ نه آهي. مون انڪري پاڻ تي جبر ڪري ٻڌايو آهي ته اهو شخص ايتري وڏي احمقپڻي جو مظاهرو ڪري رهيو آهي ۽ چئي ٿو ته ” سمجھ ۾ نٿو اچي ته (معاذاللهٰ ثم معاذالله، نقل ڪفر ڪفر نه باشد) محمد (ﷺ) جهڙي هيچ ماڻهوءَ جي چوڌاري خديجهؓ، ابوبڪرؓ، عمرؓ، عثمانؓ ۽ عليؓ جهڙا عظيم انسان ڪيئن جمع ٿي ويا. “ جڏهن ته ان بيوقوف کان ڪو پڇي ته ان سوال جو جواب ته توکي ڏيڻ گهرجي ڇو ته وڻ ته پنهنجي ميوي سان سڃاتو ويندو آهي ۽ تون ان ٻڌتر ۾ آهين، جڏهن ته توکي حضرت خديجهؓ، ابوبڪرؓ، عمرؓ، عثمانؓ ۽ علي ؓ جي عظمت جو اعتراف و اقرار آهي، پوءِ به توکي سمجھ ۾ نه ٿو اچي ته ايتريون عظيم شخصيتون مُحَمَدُ ﷺ جي چوڌاري ڪيئن جمع ٿي ويون. توهان ڪي اندازو ٿي ويو هوندو ته انهن ماڻهن جي دل ۽ دماغ جي اندر ذاتي طور تي ڪيترو عناد، بغض ۽ دشمني آهي، پر ان جي باوجود هو ان حقيقت جي اعلان ۽ اعتراف تي مجبور آهن ته محمد عربي ﷺ وٽ انساني آزادي، ڀائيچاري ۽ برابري جا صرف واعظ ئي نه آهن پر پاڻ ﷺ انهن اصولن تي حقيقي طور هڪ معاشرو قائم ڪري ڏيکاريو آهي. سچ آهي ته ” اَلفَضلُ مَا شَهِدَتْ بِهِ الاَعْدَاءُ “ يعني اصل فضيلت ته اها آهي جنهن جو اعتراف ۽ اقرار دشمن به ڪري.

ظاهر آهي جيڪو دوست آهي، عقيدت مند آهي ۽ محبت ڪرڻ وارو آهي ان جي نظر ته محبوب جي ڪنهن خامي کي ڏسي ئي نه سگهندي ان پاسي کان ته چئبو ته هو انڌو ئي رهندو جڏهن ته دشمن کي ڪو خير، ڪا خوبي نظر ئي نه ايندي آهي. پر جيڪر ڪو دشمن ڪنهن جي فضيلت جو اعتراف ڪري ته ان ۾ ڪنهن به شڪ جي گنجائش نه رهندي آهي. هتي البته هڪ ڳالهه نوٽ ڪرڻ جي آهي ته پاڻ ﷺ جي تعريف ۾ H.G Wells پنهنجي ڪتاب ۾ هي جيڪي جملا لکيا هئا انهن کي ڪتاب جي ھاڻوڪن مرتبين ۽ نون ايڊيٽرن ڪڍي ڇڏيو آهي. هي جملا انهن جي نڙين کان هيٺ لهي نه سگهيا. H.G. Wells کي ته مئي گهڻو وقت گذريو آهي هاڻي Concise History of the world جو جيڪو نئون ايڊيشن شايع ٿيو آهي ان مان هي جملا ڪٽي ڇڏيا ويا آهن. هيءَ اها ڪڙي ڦڪي هئي جيڪا انهن جي نڙين کان هيٺ نه لهي سگهي. پر توهان کي ڪنهن پراڻي لائيبريري مان اهي پراڻا جلد ملي ويندا جنهن ۾ اهي جملا موجود آهن.

## انقلابِ نبوي ﷺ جي بين انقلابن سان ڀيٽ

مُحَمَّدُ رسول الله ﷺ جي اصل عظمت جنهن کي اسان بحيثيت انسان سمجهي سگهون ٿا، جنهن کي اڄ سڄي دنيا به مڃي ٿي جنهن جو انڪشاف سڄي عالم انساني تي ٿي چڪو آهي، اها، اها آهي ته پاڻ ﷺ هڪ عظيم ترين، اونهو ترين، مڪمل ترين ۽ همه گير ترين انقلاب آندو ۽ اهو گهٽ کان گهٽ وقت ۾ آندو. ان کان به وڌيڪ نمايان ڳالهه اها آهي ته ان انقلابي جدوجهد جي شروع کان وٺي آخر تائين جيترا به مرحلا آيا پاڻ ﷺ ان جي هر مرحلي تي اڳواڻي جي ذميداري ادا ڪئي. ان رخ کان ڀيٽ ڪري ڏسو ته تاريخ انساني جا ٻه انقلاب گهڻو مشهور آهن. انقلاب فرانس، يقينن هڪ تمام وڏو انقلاب هو. دنيا مان بادشاهت جي خاتمي ۽ جمهوريت جي دور جي شروعات انهيءَ انقلاب فرانس سان ٿي. جيڪو سوا ٻه سئو سال اڳ جي ڳالهه آهي. انقلاب روس يعني بالشويڪ انقلاب به يقينن هڪ عظيم انقلاب هو.

جيڪو 1917ع ۾ آيو. جڏهن ته ستر سالن جي عمر ۾ ئي ان انقلاب کي موت اچي ويو پر آثار ٻڌائين ٿا ته عمارت عظيم هئي. اهو وڏي جوش سان وجود ۾ آيو هو ۽ ان ئي جوش سان پکڙجندو لاطيني آمريڪا تائين وڃي پهتو. ڪيترو عظيم وڏارو بجليءَ جي تيزيءَ سان آيو. پر انهن ٻنهي انقلابن جو جائزو وٺجي ته هي حقيقتون سامهون اچن ٿيون.

1. ٻئي جزوي انقلاب هئا. انقلاب فرانس ۾ صرف سياسي ڍانچو بدليو، باقي عقيدا، رسمون، سماجي نظام، سماجي قدرون، معاشي نظام ۽ سمورا معاشي ادارا ساڳئي طرح قائم رهيا. سياسي نظام کان علاوه باقي زندگي ساڳي جا ساڳي رهي. ٻئي پاسي بالشويڪ انقلاب جي ذريعي معاشي نظام بدلجي ويو، ان ۾ انفرادي ملڪيت ختم ٿي وئي، سمورا پيداوار جا وسيلا قومي ملڪيت ۾ اچي ويا، پر مڪمل تبديلي نه آئي. توهان کي معلوم آهي ته اتي جيئن پهريان عيسائي موجود هئا اهڙي طرح بعد ۾ به رهيا، جيڪي عقيدا پهريان هئا اهي بعد ۾ به ساڳيا ئي رهيا. سماجي قدر به اهي ئي رهيا، سمورو نقشو جيئن جو تيئن رهيو، بس معاشي انقلاب اچي ويو. ان کي پس منظر ۾ رکي ڏسو ته مُحَمَدِ عربي ﷺ جو آندل انقلاب ڪيتري قدر مڪمل ۽ ڳوڙهو هو. هتي توهان خورد بين لڳائي ڏسو ته، ڪٿي ڪا به هڪڙي اهڙي شئي آهي جيڪا ساڳي حالت تي باقي رهي هجي؟ جواب نفي ۾ ملندو. عقيدا ۽ نظريا بدلجي ويا، شخصيتون بدلجي ويون، اخلاق بدلجي ويا، انهن جا ڏينهن ۽ راتيون بدلجي ويون، اٿڻ ويهڻ جا طريقا بدلجي ويا، وڏيڪ اهو ته سماجي نظام، سياسي نظام ۽ معاشي نظام بدلجي ويا. اها قوم جنهن ۾ پڙهيل لکيل ماڻهون آڱرين تي ڳڻڻ جيترا هئا اهي علمن جا موجد بنجي ويا، دنيا جا استاد بنجي ويا. انهن اوير ۽ اولهه جا علم هند ۽ يونان مان ورتا ۽ انهن کي ترقي ڏئي پوري دنيا ۾ پکيڙي ڇڏيو. پاڻ ﷺ جو انقلاب هڪ ڪرو، مڪمل ۽ عظيم انقلاب هو. انقلاب مُحَمَدي ﷺ جي مقابلي ۾ انقلاب روس ۽ انقلاب فرانس جي ڪهڙي حيثيت آهي؟ چہ نسبت خاک را با عالم پاک!

2. نہ صرف فرانس ۽ روس جا انقلاب پر دنيا جي سمورن انقلابن جي اندر اها هڪجهڙائي موجود آهي تہ فڪر ڏيڻ وارا ۽ دعوت جي شروعات ڪرڻ وارا الڳ الڳ ماڻهون رهيا آهن. هڪڙا صرف ليکڪ هئا نہ ڪِي مرد ميدان، ان ڪري اهي انقلاب جي عملي جدوجهد ۾ سامهون نہ آيا ۽ نہ ئي وري اڳتي وڌي ڪابہ انقلابي جماعت ٺاهيائون ۽ نہ ئي وري اڳتي وڌي ڪنهن انقلابي جماعت جي قيادت ڪيائون. اهي تہ صرف People of the desk هئا. انقلاب ڪجھ ٻين ماڻهن جي اڳواڻي ۽ رهنمائي هيٺ وجود ۾ آيا. ڇوتہ انقلابي فڪر ڏيڻ وارا ماڻهون تہ ميدان جا ماڻهون هئا ئي ڪونہ. اهو ئي سبب آهي جو انقلاب فرانس وڏو خوني انقلاب سڏجي ٿو، ڇو تہ اڳواڻي هئي ئي ڪانہ، اهو تہ هڪ فڪر هو جيڪو پکڙجي ويو جنهن ماڻهن ۾ هڪ جوش ۽ جذبو پيدا ڪيو هو، ۽ پوءِ اچانڪ اهو لاوو ڦاٽي نڪتو. ڇو تہ ڪابہ تنظيم ڪانہ هئي ۽ ڪابہ قيادت نہ هئي تهنڪري تمام گهڻو خوني انقلاب آيو. روس ۾ بالشويڪ انقلاب جو بنياد Das Capital نالي ڪتاب هئو، جيڪو ڪارل مارڪس ۽ اينجلس گڏجي لکيو هئو. ٿوروسوچيو تہ هيءَ ڪتاب ڪيتري نہ مضبوط دليلن تہ ٻڌل هوندو جنهن انساني ذهن کي پنهنجي گرفت ۾ ورتو ۽ ڪهڙي طرح سمورين تعبيرن کي مَٽائي ڇڏيو. ان ڪتاب ۾ پوري انساني حيات جي خالص مادي تعبير ڪئي وئي آهي. مذهب ۽ روحانيت جي بلڪل نفي ڪئي وئي آهي. تنهن هوندي بہ ان ڪتاب جي دليلن ماڻهن کي اهڙي طرح پنهنجي گرفت ۾ آڻي انهن کي اهڙي طرح حرڪت ۾ آندو جو ماڻهون جانيون تائين ڏيڻ لاءِ تيار ٿي ويا ۽ انقلاب آندائون. اقبال ائين ئي ڪونہ چيو آهي تہ،

نيست پيغمبر وليکن دربغل دارد کتاب

اصل ۾ ان هڪ ڪتاب اهو بالشويڪ انقلاب آندو، جنهن جا ليکڪ ڪارل مارڪس ۽ اينجلس هئا. انهن ٻنهي پنهنجو اهو ڪتاب جرمني ۽ لندن ۾ ويهي لکيو، پر جرمني ۽ لندن ۾ ڪوبہ انقلاب نہ آيو. ٻيو تہ انهن ٻنهي

ليڪن پنهنجي زندگي ۾ اڳواڻي ۾ ڪنهن هڪڙي ڳوٺ ۾ به انقلاب نه آڻي سگهيا. انقلاب ته اتان هزارين ميل پري بالشويڪ پارٽي جي ذريعي روس ۾ آيو. ۽ جهڙي طرح انقلاب ايران ڪان اڳ خميني صاحب فرانس ۾ جلاوطني جي زندگي گذاري رهيو هو ۽ ان ٺيڪ وقت تي اچي ايران ۾ ٽيڻ وارن جهيڙن جي اڳواڻي سنڀالي هئي، اهڙي طرح لينن اچي ان تحريڪ کي Hijack ڪيو ۽ انقلاب آڻي وڌو.

ان پسمنظر ۾ ڏسو ته مُحَمَدِ عربي ﷺ هڪ فرد واحد جي حيثيت سان پنهنجي دعوت جي شروعات ڪئي. پاڻ ﷺ ئي فڪر ڏيڻ وارا هئا، پاڻ ﷺ ئي دعوت ڏيڻ وارا هئا، پاڻ ﷺ ئي مڪي جي گهٽين ۾ گهمي ڦري تبليغ ڪرڻ وارا هئا " يَاأَيُّهَاالنَّاسُ قُوْلُوْا لَا إِلَهَ إِلَّا اللهُ تُفْلِحُوْا(1)"اي انسانو! چئو ته الله ڪان سواءِ ڪوبه معبود نه آهي، ڪوبه اِلٰہ نه آهي، ته ڪامياب ٿي وينديئو. " پاڻ ﷺ ئي آهن جو ڪڏهن پنهجن مٽن مائٽن کي گڏ ڪري انهن جي سامهون دعوت رکي رهيا آهن ته ڪڏهن جبل صفا تي بيهي سڄي ماڻهن کي گڏ ڪري رهيا آهن ۽ دعوت ڏئي رهيا آهن. پاڻ ﷺ هڪ فرد واحد ۽ داعي جي حيثيت سان سامهون آيا ۽ ڪل ٻاويهن ورهن ۾ پوري عرب ۾ انقلاب کي مڪمل ڪري ورتو ۽ هڪ هڪ موڙ تي ان جي اڳواڻي پاڻ ڪئي. ساڳيو ئي گهٽين ۾ تبليغ ڪرڻ وارو غزوه بدر ۾ ڪماندر آهي، غروه احد ۾ اهو ئي سپهه سالار آهي. جيئن مون مائيڪل هارٽ جي ڪتاب جو حوالو ڏنو آهي، هي نقشو دنيا ۾ ڪنهن به نه ڏنو آهي، ان جي ڪابه نذير يا مثال به موجود نه آهي. جو ته گهٽين ۾ تبليغ ڪرڻ وارا ته اهو ئي ڪندي رهجي وندا آهن، مربي ۽ مزڪي جو پنهجو هڪ محور هوندو آهي، جيڪي انهن وٽ هلي اچن يا درگاهه ۾ طالب بنجي اچن ته انهن جو ڪجهه تزڪيو ڪري وٺندا، ڪجهه اصلاح ٿي ويندي. پر اهو منظر اسان جي اکين هڪ دفعو ئي ڏنو آهي ته هڪڙو ئي فرد واحد فڪر به ڏئي رهيو آهي، اهو ئي دعوت به ڏئي رهيو آهي ۽ ان مرحلي ۾ ظاهري طور کهڙيون ناڪاميون به سامهون اچي رهيون آهن.

---

1) مسند احمد، مسند مڪيين، حديث ربيع بن عباد الديلي رضي الله عنه

جڏهن پهريون پيرو حڪم مليو ته "وَاَنْذِرْعَشِيْرَتَكَ الْاَقْرَبِيْنَ "( الشعراء 214 ) "اي نبي ﷺ! پنهنجي ويجهن مٽن مائٽن کي خبردار ڪيو" ته پاڻ ﷺ حضرت عليؓ کي، جيڪي پاڻ ﷺ جي ڪفالت ۽ تربيت هيٺ هئا ۽ گهرجو سيڌو سامان آڻڻ ۽ بندوبست ڪرڻ انهن جي ئي ذميداري هئي، حڪم ڏنو ته هڪ ماني جي دعوت جو انتظام ڪريو ۽ سموري بنو هاشم کي دعوت ڏيو. ماني جو انتظام ٿيو ۽ سمورو بنو هاشم قبيلو گڏ ٿيو. جڏهن ماڻهن ماني ڪائي ورتي ته پاڻ ﷺ ڳالهائڻ لاءِ اٿي بيٺا، ته ڪجهه ماڻهن هوٽنگ ڪئي، ڪجهه ماڻهن بدڪلامي ڪئي ۽ ڪجهه ماڻهن گوڙ ڪيو ۽ سمورا ماڻهون واپس هليا ويا. حضور ﷺ پنهنجي ڳالهه به نه ڪري سگهيا. اهو نه سمجهه جو ته هيڏانهن پاڻ ﷺ دعوت جي شروعات ڪئي ۽ هوڏانهن ڪاميابين ان جا قدم چمڻ شروع ڪيا. پاڻ ﷺ جي انقلابي جدوجهد جي ان نقطي کي نوٽ ڪري ونو ته هيءَ جدوجهد خالص انساني سطح تي ٿي آهي ۽ ان ۾ سمورا اهي مرحلا آيا آهن جيڪي ڪنهن به انساني جدوجهد ۾ ايندا آهن. تنهنڪري شروع ۾ ناڪامين ۽ مايوسيون به آيون آهن. تمام گهڻي محنت ۽ مشقت جو نتيجو ظاهري طور تي ٻڙي نظر ايندو هو.

پر حضور ﷺ ڪجهه ڏينهن جو وقفو ڪري وري حضرت عليؓ کي ٻيهر دعوت جو انتظام ڪرڻ لاءِ چيو، مان چوندو آهيان ته شايد ماڻهن کي شرم اچي ويو هجي، آخرڪار ايتري شرافت ته انهن ماڻهن ۾ به هئي ته ٻه دفعا جنهن جي تڏي تي ماني کائي آيا آهيون هاڻي ته ان جو حق ٿي پيو آهي ته ان جي ڳالهه ٻڌڻ گهرجي. ته پاڻ ﷺ دعوت رکي، پاڻ ﷺ نهايت عظيم، مختصر پر مڪمل ترين ۽ اثر ڇڏيندڙ خطاب ڪيو، آخرڪار ماڻهن ٻڌو ۽ سموري ميڙ کي جڻ ته نانگ سنگهي ويو، ڪو به ڪجهيو ڪونه. ان تي حضرت عليؓ جن اٿيا ۽ چوڻ شروع ڪيائون ته، جڏهن ته آءُ سڀني کان ننڍڙو آهيان ۽ منهنجون ٽنگون سنهڙيون آهن ۽ منهجي اکين ۾ به تڪليف آهي پر آءُ توهان جو ساٿ ڏيندس. ( حضرت عليؓ کي آشوب چشم جو عارضو ننڍپڻ کان ئي هو، مختلف جنگين جي موقع تي حضرت عليؓ جي اکين ۾ خارش

ٿيندي هئي تہ حضور ﷺ پنهجو لئاب دهن هڻي ڇڏيندا هئا جنهن سان انهن کي ڪجھ آرام اچي ويندو هو تہ اهي جنگ ۾ حصو وٺي سگهندا هئا. )
حضرت عليؓ جي ڳالھ ٻڌي سڀجو ميڙاڪو ٽهڪن ۾ ٻڏي ويو تہ هي آهي جيڪو دنيا جي تقدير بدلائڻ هليو آهي ۽ هي آهن هن جا ساٿي! ٿوري دير رڪجي سوچيو تہ ڪٿان ڪان محمد رسول الله ﷺ جي جدوجهد جي شروعات ٿي رهي آهي.

ان ڪان پوءِ حڪم ٿو اچي تہ فَٱصۡدَعۡ بِمَا تُؤۡمَرُ اي نبي ﷺ هاڻي ڪلي عام اعلان ڪريو جنهن جو توهان کي حڪم ڏنو ويو آهي. شروع ۾ ٽن سال تائين حضورﷺ انفرادي طور تي ذاتي ملاقاتن جي ذريعي دعوت کي عام ڪيو. تنهن هوندي بہ اهو ياد رکو تہ حضور ﷺ جي ذاتي زندگي ۾ لڪيل دعوت جو ڪوبہ دور نہ آيو آهي، پاڻ ﷺ ڪابہ ڳالھ ڍڪ ڇپ ۾ نہ چئي آهي، پاڻ ﷺ جي ڪابہ Underground هلچل نہ رهي آهي. پر هيٺين طبقن ۾ ذاتي رابطن جي ذريعي اها دعوت پکڙي آهي. پر هاڻي حڪم اچي ويو تہ فَٱصۡدَعۡ بِمَا تُؤۡمَرُ تہ پاڻ ﷺ ڪوهِ صفا تي چڙهي ويا، هاڻي تہ ڪوھ صفا جي بس نشاني وڃي بچي آهي حضور ﷺ جي زماني ۾ تہ اها باقائده ٽڪري هوندي هئي، اهڙي ٽڪري جنهن جي پويان پورو لشڪر لڪي پئي سگهيو. ڪوھ صفا تي چڙهي پاڻ ﷺ عرب جي عام قانون تحت قوم کي آواز ڏنو. هتان ڪان ٿي اسان کي اهو معلوم ٿئي ٿو تہ دعوت ۽ Communication جي لاءِ پنهنجي زماني ۾ جيڪي بہ ذريعا موجود هجن انهن کي استعمال ڪرڻ گهرجي، پر جي حيا ۽ شرافت جي ابتڙ ڪا شئي هجي تہ ان ڪان بچڻ گهرجي.
ان زماني ۾ قرلٿ جي لاءِ قبيلا هڪ ٻئي تي حملا ڪندا رهندا هئا، اهي حملا عام طور تي رات جي وقت ٿيندا هئا بلڪ رات جي بہ پوئين پهر ۾ جنهن کي اسان عام طور تي small hours of the morning چوندا آهيون جنهن ۾ ننڊ جو غلبو هوندو آهي، ان وقت ستلن ماڻهن تي بيخبريءَ ۾ اچي حملو ڪري قتل ۽ قرلٿ ڪري پڄي وڃڻ اهو هنن جو عام معمول ۽ رواج هوندو

هو. تنهن ڪري ڪنهن قبيلي جي ڪنهن ماڻهوءَ کي اگر اها خبر ملندي هئي تہ ڪوئي قبيلو انهن تي حملو ڪرڻ وارو آهي تہ اهو ڪنهن مٿاهين جاءِ تي چڙهي پنهنجا ڪپڙا لاهي الف اگهاڙو ٿي اهو نعرو هڻندو هو وَاصَبَاحَااي اها صبح جيڪا اچي رهي آهي، يعني جنهن ۾ قرلٽ، مارا ماري ۽ رتوڇاڻ ٿيڻ واري آهي. ان ۾ ٻئي صورتون يعني ٻڌڻ ۽ ڏسڻ ٻئي شامل ٿي وينديون هيون. ان ڪري جيستائين تہ ان جي آواز ويندو هئو اوستائين ماڻهون ان جي آواز ٻڌي ڊوڙندا ايندا هئا ۽ جن تائين ان جو آواز نہ پهچي سگهندو هئو اتان ماڻهون ان کي اگهاڙو ڏسي ڊوڙندا ايندا هئا. ان ڪري ان کي نذير عريان سڏيندا هئا يعني اهو خبردار ڪرڻ وارو جيڪو بلڪل اگهاڙو ٿي بيٺو هجي. حضور ﷺ بہ قوم کي خبردار ڪرڻ لاءِ اهو ئي طريقو اختيار ڪيو ۽ پاڻ ﷺ ڪوهہ صفا تي چڙهي ويا. پاڻ ﷺ ان طريقي ۾ صرف اها ڪمي ڪئي جو پاڻ ﷺ ڪپڙا ڪون نہ لاٿا، ڇو تہ ظاهر آهي تہ اهو حيا ۽ فطرت جي خلاف آهي ۽ پاڻ ﷺ جي لاءِ اهو ڪرڻ ناممڪن هو، پر نعرو اهو ئي هنيائون تہ ''وَاصَبَاحَا''.

ان تي ماڻهون اچي گڏ ٿيا ۽ انهن پاڻ ﷺ کان ان جو سبب معلوم ڪيو. پاڻ ﷺ مٿاهين تي بيٺا هئا، انهن قوم کي پنهنجي دعوت پيش ڪئي، ان تي انهن جو چاچو ابولهب چوڻ لڳو''تَبًّالَكَ اَلِهٰذَاجَمَعْتَنَا''(1)'' تنهجي لاءِ بربادي ۽ هلاڪت هجي، ڇا تو اسان کي ان ڪم جي لاءِ گڏ ڪيو هو؟'' اسان تہ سمجهيو هو تہ تون واقعي ڪا خبر ڏيڻ وارو آهين، ڪا ڳالهہ ٻڌائڻ وارو آهين. نوٽ ڪيو تہ حضور ﷺ پهرين فرمايو هو تہ '' اي انسانو! مان جيڪر توهان کي اها خبر ڏيان تہ هن ٽڪريءَ جي پويان هڪ لشڪر آهي جيڪو توهان تي حملو ڪرڻ ٿو چاهي تہ ڇا توهان منهنجو اعتبار ڪندئو؟ يعني اها ٽڪري ايتري تہ وڏي هئي جو ان جي پويان هڪ لشڪر لڪي پئي سگهيو. انهن چيو ها ان ڪري جو تون مٿاهين جڳهہ تي بيٺو آهين جتان ٽڪري جي ٻنهي پاسي ڏسي رهيو آهين. ٻيو اهو تہ پاڻ ﷺ ڪڏهن ڪوڙ نہ ڳالهايو

1) صحيح البخاری، کتاب تفسير القرآن، باب و انذر عشيرتك الاقربين و باب قولهٔ ان هو الا نذيرلكم بين يدی عذاب شديد، و باب قوله سيصلی نارا ذات لهب، و صحيح مسلم، کتاب ايمان، باب فی قوله و انذر عشيرتك الاقربين

آهي، توهان تہ الصادق الامين آهيو. پاڻ ﷺ پهريان ماڻهن کان اها شاهدي وٺي پوءِ ڳالھ رکي آهي تہ مان توهان کي الله جي عذاب کان ڊيڄاريانٿو، آخرت جي پڇاڙي کان خبردار ڪيان ٿو. جنهن تي پاڻ ﷺ جي چاچي چيو هو تہ تَبًّالَكَ اَلِهٰذَا جَمَعْتَنَا ان تي پوءِ اها سورت نازل ٿي هئي:

تَبَّتْ يَدَا أَبِي لَهَبٍ وَّتَبَّ ○ مَا أَغْنَى عَنْهُ مَالُهُ وَمَا كَسَبَ ○ سَيَصْلَى نَارًا ذَاتَ لَهَبٍ ○ وَامْرَأَتُهُ حَمَّالَةَ الْحَطَبِ ○ فِي جِيدِهَا حَبْلٌ مِّن مَّسَدٍ ○

هي مون توهان کي پاڻ ﷺ جي دعوت جا ٻہ منظر ڏيکاريا آهن، دل تي هٿ رکي ڏسو تہ ڪيتري نہ مايوس ڪندڙ شروعات آهي. انسان جي لاءِ ڪيترو نہ مايوس ڪندڙ ۽ صبر جي تقاضا ڪرڻ واري صورتحال آهي جنهن سان شروعات ٿي رهي آهي.

## ڏهن سالن جي اڻ ٿڪ محنت جو نتيجو

پاڻ ﷺ جي ڏهن سالن جي اڻ ٿڪ محنت کي ذهن ۾ رکو تہ پاڻ ﷺ جهڙو مبلغ، مربي، مذڪي ۽ معلم نہ ڪڏهن آيو آهي ۽ نہ ئي وري ڪڏهن اچڻو آهي ڇو تہ پاڻ ﷺ جهڙو مثال ناممڪن آهي يا چئجي تہ پاڻ ﷺ جي مثل محال مطلق آهي. پاڻ ﷺ جي مثل نہ ڪڏهن ٿيو آهي نہ ٿيندو. پر توهان مڪي ۾ ڏهن سالن جي اڻ ٿڪ محنت جو اندازو ڪيو جنهن ۾ ڏينهن جي محنت جو هي عالم آهي تہ إِنَّ لَكَ فِي النَّهَارِ سَبْحًا طَوِيلًا (بيشڪ توهان ڏينهن ۾ گهڻا مصروف آهيو). پاڻ ﷺ ڏينهن جي وقت گهمي رهيا آهن، گهٽين بازارن ۾ تبليغ ڪري رهيا آهن، گهر گهر وڃي پيغام پهچائي رهيا آهن ۽ رات جي اها ڪيفيت آهي تہ قُمِ اللَّيْلَ إِلَّا قَلِيلًا○ نِصْفَهُ أَوِ انقُصْ مِنْهُ قَلِيلًا ○ أَوْ زِدْ عَلَيْهِ وَرَتِّلِ الْقُرْآنَ تَرْتِيلًا○ (رات جو ڪجھ حصو قيام ڪريو، اڌ رات يا ان کان گهٽ، يا وري ڪجھ وڌيڪ ۽ پڙهو رات جي وقت هن قرآن کي ٺاهي ٺاهي). پاڻ ﷺ ڏينهن جو ماڻهن کي دعوت ڏئي رهيا آهن تہ رات جو انهن لاءِ جهولي پساريو دعا ڪري رهيا آهن تہ اي منهنجا پالڻهار عمر ابن خطاب يا عمرو ابن هشام مان ڪنهن هڪ کي منهنجي جهولي ۾ وجھ. پر محمد ﷺ جي ڏهن سالن جي اڻ ٿڪ

محنت جو نتيجو اهو نڪتو جو سئو سوا سئو يا وڌ ۾ وڌ ڏيڍ سئو ماڻهون گڏ ڪري سگهيا. 610ع ۾ وحي جي شروعات ٿي ته تقريبن 620ع ڪي پاڻ ﷺ عامِ الحزن يعني غم جو سال قرار ڏنو. ڇو ته ان سال ئي حضرت خديجةالڪبريٰ رضي الله تعاليٰ عنها جو وصال ٿيو آهي. گهر ۾ همٿ ٻڌائڻ واري وفادار ۽ محبت ڪرڻ واري گهرواري جو وصال ٿي ويو. ظاهر ڳالهه آهي ته ٻاهران ماڻهون دل تي بار ڪٽي گهر اچي ٿو ته گهر ۾ ڏکن کي وندڻ واري زال ان ڪي ختم ڪرڻ ۾ تمام گهڻي مددگار ثابت ٿئي ٿي. ڪو چريو ٿو چئي، ڪو مجنون ٿو سڏي، ڪو شاعر ٿو چوي، ڪو چوي ٿو ته هي اسان تي ڏونس ٿو ڄمائي، هن گهر ۾ ڪو عجمي غلام لڪائي ويهاريو آهي جيڪو وڏو عالم فاضل آهي، تورات ۽ انجيل جو ڄاڻو آهي. هي ان ڪان سکي ۽ ياد ڪري اچي اسانکي ٻڌائي ٿو. حضور ﷺ اهو سڀ ڪجهه ٻڌندا هئا. قرآن شريف ۾ ان جي منظرڪشي ڪئي ويئي آهي. پاڻ ﷺ جي دل نهايت حساس هئي، ۽ اهي ڳالهيون ٻڌي پاڻ ﷺ کي تمام گهڻو ڏک ۽ غم ٿيندو هو. تنهنڪري فرمايو ويو ته وَلَقَدْ نَعْلَمُ اَنَّكَ يَضِيْقُ صَدْرُكَ بِمَا يَقُوْلُوْنَ اي نبي ﷺ اسانکي چڱيءَ طرح معلوم آهي ته هي جيڪو چون ٿا ان تي توهان جي دل تنگ ٿئي ٿي. توهان کي ڏک، غم ۽ رنج ۽ افسوس ٿئي ٿو. هي ته اهي ئي ماڻهون هئا جيڪي ڪڏهن منهجي رستي ۾ پنهنجا نيڻ وڇائيندا هئا، اهي ئي ماڻهون مونکي صادق ۽ امين جو خطاب ڏيندا هئا، هي مونسان تمام گهڻي محبت ڪندا هئا، پر انهن مان ئي ڪو مونکي چريو پئو سڏي، ڪومجنون پيو چوي، ڪو شاعر، ڪو ساحر، ڪو مسحور ۽ ڪو ڪوڙو چئي رهيو آهي. (نقل ڪفر ڪفر نه باشد) اهو سڀ ڪجهه ٻڌي پاڻ گهر ايندا هئا ته گهر ۾ ڪا تسلي ڏيڻ واري هوندي هئي پر هاڻي اها به ڪانه رهي آهي.

توهان کي خبر آهي ته اهي واقعا گهڻو اهم آهن. جڏهن ٻهرين وحي آئي ته پاڻ ﷺ تي ڪجهه دپ ۽ گهٻراهٽ جهڙي ڪيفيت ظاهر ٿي هئي. پاڻ ﷺ جي زندگيءَ ۾ هي عالم بشريت جو پهريون معاملو هو جيڪو عالم ملڪيت

سان پيش آيو هو. غار حرا ۾ جبرائيل عليہ السلام سان پهرين ملاقات تي هئي، ان ڪري پاڻ ﷺ تي طبعن گهبراهٽ واري ڪيفيت طاري ٿي ويئي هئي. پاڻ گهر آيا تہ ڏڪي رهيا هئا، پوءِ بخار بہ ٿيو جنهن ۾ پاڻ ﷺ جن چيو تہ خَشِيتُ عَلىٰ نَفْسِىْ ( مونکي پنهنجي جان جو انديشو آهي). ان وقت اها ئي غمخوار ۽ حوصلو ڏيارڻ واري زال هئي جنهن چيو هو تہ الله توهان کي ضايع ڪونہ ڪندو، توهان فڪر نہ ڪيو، توهان يتيمن جي مٿي تي هٿ رکو ٿا، بيواهن جو خيال رکو ٿا، توهان بکين کي کاڌو کارائيندا آهيو، غريبن جي خدمت ڪندا آهيو، الله توهان کي ضايع ڪونہ ڪندو.

پاڻ ﷺ جي پنجويهہ سالن جي زندگي تمام محنت، مشقت ۽ مفلسيءَ ۾ گذري آهي. بلڪل ننڍپڻ ۾ پاڻ ﷺ مال چاريندا هئا. پاڻ ﷺ جا لفظ آهن تہ مان ڪجهہ ٽڪن (عَلىٰ قَرَارِيطَ)[1] جي عيوض مڪي وارن جو مال چاريندو هئس. انڪري جو ابو طالب تمام غريب ماڻهون هو. پاڻ ﷺ جي سرپرستي تہ اهو ڪري رهيو هو پر حقيقت اها آهي تہ خاندان ابو طالب جي پرورش پاڻ ﷺ پنهنجي محنت ۽ مزدوريءَ سان ڪئي آهي. ان کان پوءِ پاڻ ﷺ نوڪري جي شڪل ۾ تجارت ڪرڻ شروع ڪئي. هي محنت ۽ غريبيءَ جا ڏينهن هئا جن جي باري ۾ قرآن ڪريم ۾ فرمايو ويو تہ وَوَجَدَكَ عَائِلاً فَاَغْنىٰ الله (توهان کي غريب ڏٺو تہ توهان کي غني ڪري ڇڏيو). الله سبحانہٗ و تعاليٰ پاڻ ﷺ کي غني ڪيئن ڪيو آهي؟ 25 سالن جي عمر ۾ پاڻ ﷺ جي شادي حضرت خديجه رضي الله تعالي عنها سان ٿي جيڪا عرب جي امير ترين عورت هئي. اها شادي حضرت خديجه رضي الله تعالي عنها جي پنهنجي فرمائش تي ٿي هئي. اها تمام محبت ڪرڻ واري شريڪ حيات هئي.

امام راضي رحمةالله عليہ پنهنجي تفسير ڪبير ۾ هڪ واقعو لکيو آهي جيڪو پاڻ ﷺ جي 25 کان 50 سالن جي عمر جي وچ ۾ ڪٿي ٿيو آهي. پاڻ ﷺ هڪ دفعو مڪي کان ٻاهر ڪاڏي نڪري ويا. مڪي جي ٻاهران جبلن جي وچ ۾ مختلف واديون آهن هڪ وادي ۾ پاڻ ﷺ ڏٺو تہ هڪ قبيلو پڙائو

(1) صحيح البخاري، ڪتاب الاجارة، باب رعي الغنم على قراريط

ڪيو ويٺو آهي جيڪو تمام مفلسيءَ جي حالت ۾ آهي، جن وٽ ڪائڻ لاءِ ڪجهه بہ نہ آهي، جسم تي ڪپڙو نہ آهي. انهن جي اها حالت ڏسي پاڻ گهر آيا ۽ تمام ڏکاري دل سان چادر اوڙهي ليٽي پيا. جنهن تي حضرت خديجه رضي الله تعالي عنها پڇيو تہ ڇا ٿيو آهي. پاڻ ﷺ فرمايو تہ مان فلاڻي وادي ۾ ويو هئس اتي مون ڏٺو تہ هڪ قبيلي پڙاءُ ڪيو آهي جنهن جو هي حال آهي. پاڻ ﷺ فرمايو تہ مون وٽ دولت نہ آهي جو آءٌ انهن جي مدد ڪري سگهان. ڇو تہ سرمايو تہ حضرت خديجه رضي الله تعاليٰ عنها جو هو. پاڻ ﷺ جي ذاتي دولت تہ ڪانہ هئي، ان تي حضرت خديجه رضي الله تعاليٰ عنها فرمايو تہ توهان وڃو ۽ قريش جي وڏن وڏن سردارن کي سڏي اچو. پاڻ ﷺ انهن کي وٺي آيا تہ ايتري دير ۾ حضرت خديجه رضي الله تعاليٰ عنها اشرفين جو ايترو تہ وڏو ڍير جمع ڪيو جو جڏهن حضور ﷺ اچي ويٺا تہ ان جي پويان لڪي ويا. حضرت خديجه رضي الله تعاليٰ عنها قريش کي مخاطب ٿي فرمايو تہ توهان سب شاهد هجو تہ مون هي سڀ دولت حضرت محمد ﷺ جي حوالي ڪري ڇڏي آهي، اهو جيئن چاهي ان کي خرچ ڪري. حضرت خديجه رضي الله تعاليٰ عنها اهڙي گهرواري هئي جنهن هر طرح سان پاڻ ﷺ جو ساٿ ڏنو. حضرت خديجه رضي الله تعاليٰ عنها جي ڇا فضيلت هئي اسان مان اڪثريت ان کان لاعلم آهي. اسان وٽ تہ ڪجهه محترم شخصيتن جي فضيلت تي جهيڙا آهن،

اے گرفتارِ ابوبکر وعلی ہوشیار باش!

اهل سنت وٽ حضرت ابوبڪر رضي الله تعاليٰ عنہ جي ۽ اهل تشيع وٽ حضرت علي رضي الله تعاليٰ عنہ جي فضليت اهم آهي ۽ ٻئي انهيءَ ۾ ئي گرفتار آهن. ساڳي طرح حضرت عائشه رضي الله تعاليٰ عنها ۽ حضرت فاطمه رضي الله تعاليٰ عنها جي فضليت جو جهيڙو آهي. هڪڙو ٽولو حضرت عائشه رضي الله تعاليٰ عنها ۽ ٻيو حضرت فاطمه رضي الله تعاليٰ عنها کي مٿاهون ٿا ڪن. پر حضرت خديجه رضي الله تعاليٰ عنها جو ذڪر هڪ تہ ڪٿي آهي

ئي ڪونہ ۽ جي ڪٿي ملي بہ ٿو تہ تمام گهٽ. ہ ٿي سال اڳ جڏهن مان ايران ويو هئس تہ اتان جي مشاهدن مان هڪ اهو بہ آهي تہ انهن اتي عورتن جي يونيورسٽي قائم ڪئي آهي جنهن جو نالو الزهراء يونيورسٽي رکيو آهي. انهن ان يونيورسٽي جو نالو حضرت فاطمة الزهراء رضي الله تعاليٰ عنها جي نالي تي رکيو آهي. ان يو نيورسٽي جي اعليٰ عهديدار ۽ استاد سان هڪ ملاقات ۾ جڏهن مون انهن کي چيو ڪاش توهان هن يونيورسٽي جو نالو خديجةالڪبريٰ رضي الله تعاليٰ عنها يونيورسٽي رکو هان، تہ ان کان ڇرڪ نڪري ويو، مون چيو تہ ڏسو سنين ۽ شيعن جي وچ ۾ اهو فرق آهي تہ جڏهن بہ ڪو سني ڇوڪرين جو مدرسو ٺاهيندو تہ ان جو نالو مدرسہ العائشه للبنات رکندو ۽ شيعہ حضرت فاطمه رضي الله تعاليٰ عنها جي نالي تي مدرسو ٺاهيندا. پر حضرت فاطمه رضي الله تعاليٰ عنها جي ماءُ حضرت خديجه رضي الله تعاليٰ عنها جيڪا صديقةُالبرىٰ آهي ان کي وساريو ڇڏين. جهڙي طرح صديق اڪبر حضرت ابوبڪر صديق رضي الله تعاليٰ عنہ آهي اهڙي ئي طرح صديقةالبرىٰ حضرت خديجةالڪبريٰ رضي الله تعاليٰ عنها آهي. حضرت مريم سلامٌ عليها جي باري ۾ قرآن شريف ۾ لفظ صديقہ آيو آهي. وَ اُمُّهٗ صِدِّيُقَةٌ اهڙي طرح هن امت جي صديقةالبرىٰ حضرت خديجه رضي الله تعاليٰ عنها آهي.

پنهنجو هڪ احساس بيان ڪري رهيو آهيان جيڪو مون ڪڏهن پهريان بيان نہ ڪيو آهي. مونکي تہ ائين ٿو محسوس ٿئي جڻ حضرت خديجه رضي الله تعاليٰ عنها جي ذات ۾ پاڻ ﷺ جي لاءِ صرف زال جي وفاداري، وفا شعاري ۽ محبت ئي نہ هئي پر ماءُ جي شفقت بہ هئي. پاڻ تمام ننڍڙي عمر ۾ ئي ماءُ ۽ پيءُ جي شفقت کان محروم ٿي ويا هئا حضرت خديجه رضي الله تعاليٰ عنها پاڻ ﷺ کان عمر ۾ 15 سال وڏي هئي. نڪاح جي وقت حضور ﷺ 25 سالن جا هئا ۽ حضرت خديجه رضي الله تعاليٰ عنها 40 هن ورهن جي هئي. منهجي ناني منهنجي مامي کان صرف 13 سال وڏي هئي يعني صرف 13 سالن جي عمر ۾ منهجي ناني کي پهريون ٻار ڄائو هو. جڏهن تہ

عرب جو معاملو ان کان بہ وڏيڪ گرم ماحول جو هو تہ ڇا 15 سالن جي عمر ۾ حضرت خديجه رضي الله تعاليٰ عنها کي اولاد نہ پئي ٿي سگهي؟ جي ٿئي هان تہ ڇا اهو پاڻ ﷺ جو هم عمر نہ هجي هان؟

حضرت خديجه رضي الله تعاليٰ عنها جو هڪ وڏيڪ واقعو بيان ڪندو هلان. وحي جي شروعات کان پوءِ جڏهن پاڻ ﷺ کي عالم بشريت ۽ عالم ملڪيت جي وچ ۾ ميلاپ جو نئون تجربو ٿيو هو ۽ جنهن جي ڪري پاڻ ﷺ کي ڊپ ۽ گهٻراهٽ واري ڪيفيت جو احساس هو تہ هڪ ڏينهن حضرت خديجه رضي الله تعالي عنها پاڻ ﷺ جن کي چيو تہ هاڻي جڏهن اهو فرشتو يا بدروح جيڪو بہ آهي اچي تہ مونکي ٻڌائجو. حضرت جبرئيل عليہ السلام آيو تہ حضور ﷺ فرمايو تہ اهو آيو آهي، تہ حضرت خديجه رضي الله تعاليٰ عنها پنهنجا وار کوليا ۽ حضور ﷺ کي پنهنجي ڀاکر ۾ ڪري ورتو ۽ پڇيو تہ ڇا هاڻي بہ اهو نظر اچي رهيو آهي؟ تہ پاڻ ﷺ فرمايو تہ نہ. ان تي حضرت خديجه رضي الله تعاليٰ عنها فرمايو تہ پڪ سان اهو بدروح نہ آهي پر فرشتو آهي جنهن حيا ڪيو آهي جيڪر اهو بدروح هجي ها تہ مزو وٺي هان ۽ غائب ڪڏهن بہ نہ ٿئي ها. هاڻي توهان ان جي عظمت فڪر، سوچ ۽ شعور جي بلندي جو اندازو ڪيو.

بهر حال سن 10 نبوي ۾ حضرت خديجه رضي الله تعاليٰ عنها جو لاڏاڻو ٿي ويو. انهيءَ سال ابو طالب بہ وفات ڪري ويو. اهڙي طرح قبيلائي زندگي ۾ پاڻ ﷺ کي جيڪو هڪڙو تحفظ حاصل هو اهو ختم ٿي ويو. هجرت کان پوءِ جڏهن حضور ﷺ اوس، خزرج ۽ مهاجرن وچ ۾ پهريون معاهدو ڪرايو هو، ان ۾ اها شق بہ موجود هئي تہ جيڪر ڪو هڪ مسلمان بہ ڪنهن کي پناهہ ڏيندو تہ اها سيني جي طرفان پناهہ سمجهي ويندي. اهو ئي معاملو قبيلن جو هوندو هو، ڪو هڪ ماڻهون بہ ڪنهن کي پناهہ ڏيندو هو تہ اها پوري قبيلي جي طرفان سمجهي ويندي هئي. اهڙي طرح خاندان بنو هاشم جي سرداري ابو طالب وٽ هئي جيڪو پاڻ ﷺ کي تحفظ ڏئي رهيو هو. جڏهن

تہ ايمان نہ آندو هئائين پر ان کي پاڻ ﷺ سان فطري محبت هئي ۽ ان محبت جي بنياد تي ان پاڻ ﷺ تي خاندان بني هاشم جي ڇانوءَ ڪري رکي هئي. هاڻي اها ظاهر ڳالھ آهي تہ جي ٻيا قبيلا ۽ انهن جا سردار پاڻ ﷺ جي خلاف ڪو قدم کڻن هان تہ اها خاندان بني هاشم جي خلاف اعلان جنگ هجي ها ۽ خانہ جنگي پيدا ٿي وڃي ها. اهو ئي سبب آهي جو ڏهن سالن تائين ڪنهن کي بہ پاڻ ﷺ جي خلاف قدم کڻڻ جي همٿ ئي نہ ٿي هئي. اهي ابو طالب وٽ سفارتون کڻي ايندا هئا ۽ لالچون ڏيندا هئا تہ توهان ان کي چئو تہ جيڪر ان کي دولت کپي تہ اسان سون ۽ چاندي جا ڍير آڻي گڏ ڪنداسين، ان کي ڪا ليڊري کپي تہ اسان ان کي پنهجو بادشاه مڃڻ لاءِ تيار آهيون جڏهن تہ اسانجو مزاج اهڙو نہ آهي جو ڪنهن کي پنهجو بادشاه مڃون پر هن کي مڃينداسين ۽ جي ڪٿي شادي ڪرڻ چاهي ٿو تہ صرف اشارو ڪري ، قريش جي ڪهڙي بہ وڏي گهراڻي ۾ چوندو شادي ڪرائينداسين. ان تي پاڻ ﷺ فرمايو هو تہ چاچا! چاهي هي منهجي هڪ هٿ تي سج ۽ ٻئي هٿ تي چنڊ آڻي رکن تڏهن بہ مان پنهنجي دعوت کان ڪونہ مڙندس. انهن جو مطالبو اهو هو تہ هي دعوت توحيد کان رڪجي وڃي ۽ اسان جي بتن جي خلاف ڪجھ بہ نہ چوي.

جڏهن جناب ابو طالب جي مرڻ جو وقت ويجهو آيو ان وقت قريش جي آخري سفارت آئي ۽ انهن آخري چيلينج ڪيو تہ اي ابو طالب! هاڻي بہ جيڪر تون پنهنجي ڀائٽئي جي پوئواري نہ ڇڏي تہ ٺيڪ آهي، اسان جو چيلينج آهي تہ ميدان ۾ اچي اسان جو مقابلو ڪر يا پنهنجي ڀائيٽئي کي منع ڪر. ان تي ابو طالب پاڻ ﷺ کي سڏايو ۽ چيو: ڀائٽيا مونتي ايترو بار نہ وجھ جيڪو مان کڻي نہ سگهان. ظاهر آهي تہ اڪيلو خاندان بني هاشم پوري قبيلي قريش جو مقابلو ڪيئن ٿي ڪري سگهيو؟ ۽ وري پاڻ ابو طالب بہ تمام ضعيف ٿي ويو هو ۽ مرڻ ڪنڌيءَ تي هو. ابو طالب جي ان ڳالھ تي حضور ﷺ جي اکين ۾ لڙڪ لهي آيا تہ هن دنيا ۾ اسباب عالم جي اعتبار سان هڪڙو ئي آسرو هو اهو بہ اڄ جواب ڏئي رهيو آهي، ان هوندي بہ پاڻ ﷺ فرمايو: هاڻي

يا تہ اها ڳالھ پوري ٿي رهندي يا مان پاڻ کي انهيءَ جدوجهد ۾ ماري ڇڏيندس پر منهنجي لاءِ واپسي Retreat جو ڪوبہ امڪان نہ آهي. بهر حال عام الحزن جي سال ۾ ابو طالب جو بہ لاڏاڻو ٿي ويو ۽ بني هاشم جو سردار ابولهب ٿي ويو. جيڪو پاڻ هڪڙو زهريلو دشمن هو ۽ جنهن دعوت جي شروعات ۾ ئي پاڻ ﷺ کي چيو هو تہ تَبًّالَكَ اَلِهٰذَاجَمَعْتَنَا هي اهو بدبخت هو جنهن پنهنجي ٻنهي پٽن کان حضور ﷺ جي ٻنهي ڌيئرن کي طلاق ڏياري. حضور ﷺ جي ٻن ڌيئرن جي نسبت ابولهب جي ٻن پٽن سان ٿيل هئي ۽ ان زماني ۾ تہ نسبت جو ٿي وڃڻ ئي ڄڻ نڪاح جي برابر هوندو هو. ابو لهب جي چوڻ تي انهن ٻنهي نهايت گستاخيءَ سان ۽ توهين واري انداز ۾ اچي حضور ﷺ جي سامهون بيهي چيو تہ اسان تنهجي ٻنهي ڌيئرن کي طلاق ڏيون ٿا. پاڻ ﷺ اهي سيئي ڏک سنا آهن.

## طائف جو ڏهاڙو ـ پاڻ ﷺ جي زندگيءَ جو شديد ترين ڏينهن

ابو طالب جي وفات سان حضور ﷺ کي حاصل اها ظاهري پناھ بہ ختم ٿي ويئي هئي، ۽ هاڻي ان ڳالھ جو قوي امڪان موجود هو تہ اهي دارالندوه ۾ جيڪو چاهيندا فيصلو ڪندا، ان خطري جي ڪري پاڻ ﷺ طائف جو سفر اختيار ڪيو. هي پاڻ ﷺ جي زندگيءَ جو اهم ترين واقعو آهي. جڏهن تہ ان کا اڳ پاڻ ﷺ جي شُعب بني هاشم ۾ گهيراءُ ۽ بائيڪاٽ بہ رهيو آهي ۽ کائڻ پيئڻ جون شيون روڪيون ويون. ان وچ ۾ پوري خاندان بني هاشم کي بدترين قسم جي بک برداشت ڪرڻي پيئي، جڏهن تہ اهي سڀ جا سڀ مسلمان تہ نہ ٿيا هئا پر ان ڏوھ جي پاداش ۾ تہ محمد ﷺ جو ساٿ ڇو نٿا ڇڏين، ان پوري خاندان جو سماجي بائيڪاٽ ڪيو ويو، جنهن جي نتيجي ۾ خاندان بنو هاشم ٽن سالن تائين شعب بني هاشم (جنهن کي شعب ابي طالب بہ سڏجي ٿو) ۾ قيد رهيا. انهن ٽن سالن جي دوران کائڻ پيئڻ جي ڪابہ شيءِ انهن تائين پهچڻ کان ڏني ويئي. وادي جي ٻنهي طرفن تي پهرا بيهاريا ويا

هئا جنهنڪري اندر ڪير بہ وجي ڪونہ سگهندو هو. حڪيم بن حزام جهڙو ڪو الله جو ٻانهو جيڪو بنيادي طور تي نيڪ شخصيت هو جبل جي چوٽيءَ تي چڙهي ۽ ٻئي پاسي کان هيٺ لهي ڪا شئي پهچائيندو هو. چوٿون اهو حضرت خديجه رضي الله تعاليٰ جو ويجهو مائٽ هو، نہ تہ واديءَ جي ٻنهي پاسن تي پهرو هوندو هو. اهو وقت بہ آيو تہ بني هاشم جا ننڍڙا ٻار روئي رهيا آهن ۽ انهن وٽ کائڻ لاءِ ڪا بہ شي نہ هئي، سواءِ ان جي تہ سڪل چمڙي کي اٻاري ان جو پاڻي انهن کي پيئاريو ويو.

پر پاڻ ﷺ جي لاءِ ذاتي طورتي مشڪل ترين ڏينهن طائف وارو ڏهاڙو هو. جنهن جي شاهدي حضور ﷺ جي پنهنجي قول ۾ موجود آهي. هڪ دفعو حضرت عائشه رضي الله تعاليٰ عنها حضور ﷺ کان پڇيو تہ ڇا توهان تي احد واري ڏينهن کان بہ سخت ڏينهن ڪوئي گذريو آهي؟ ظاهر آهي تہ ان جي هوش ۾ اچڻ ڪانپوءِ جنگ احد ۾ پاڻ ﷺ زخمي ٿيا، پاڻ ﷺ جو ڏند مبارڪ شهيد ٿيو، رت جي نالي وهي هلي، پاڻ ﷺ بيهوش ٿيا، پاڻ ﷺ جي زبان مبارڪ مان هڪ بددعا بہ نڪتي تہ كَيْفَ يُفْلِحُ قَوْمٌ خَضَبُوْا وَجْهَ نَبِيِّهِمْ بِالدَّمِ[1] (اها قوم ڪيئن نجات حاصل ڪندي جنهن پنهنجي نبيءَ جي منهن کي رت ۾ ڳاڙهو ڪيو هجي. وڌيڪ اهو تہ ستر صحابہ رضوان الله تعالي عليهم اجمعين شهيد ٿيا جن ۾ اَسَدُاللهِ وَاَسَدُ رَسُوْلِہٖ حضرت حمزه رضي الله تعاليٰ عنہ بہ شامل هئا. جيڪو پاڻ ﷺ جو چاچو، ڪير شريڪ ڀاءُ ۽ گڏ کيڏندڙ ساٿي هو. انهن جو لاش سامهون آندو ويو تہ ان جو نڪ، ڪن ڪتريل ۽ پيٽ ڦاڙي دل چٻاڙڻ جي ڪوشش ڪئي ويئي هئي. حضرت عائشه رضي الله تعاليٰ عنها جي سامهون سخت ترين ڏينهن احد جو ڏهاڙو هو، پر پاڻ ﷺ فرمايو تہ مونتي سخت ترين ڏينهن طائف جو ڏهاڙو آهي.

پاڻ ﷺ مڪي کان مايوس تي طائف ويا نوٽ ڪيو تہ هي واحد موقعو آهي جنهن ۾ پاڻ ﷺ سان گڏ حضرت ابوبڪر رضي الله تعاليٰ عنہ بہ ساڻ نہ

1) سنن ابن ماجه. كتاب الفتن. باب الصبر على البلاء. و مسند احمد، مسند المكثرين، حديث انس بن مالك رضي الله عنه

آهن، نہ تہ اهي تہ پاڇي وانگر گڏ رهڻ وارا ساٿي هئا. هن موقعي تي صرف ساڻ پنهنجو آزاد ڪيل غلام حضرت زيد بن حارثہ رضي الله تعاليٰ عنہ گڏ هئا. جنهن ڪي پاڻ ﷺ جو پٽ پڻ سڏيو ويو هو. مڪي ڪان طائف ڏانهن ٻہ رستا آهن، اڄ تہ جي توهان اوڏانهن وڃو تہ اهو عجب لڳي ٿو تہ ڪيئن انهن جبل ڪٽي رستو ٺاهيو آهي. پاڻ ﷺ عام رستي کي ڇڏي اڙانگو جبلن وارو رستو اختيار ڪيو، انڪري جو عام رستي تي تہ خطرو پيش اچي سگهيو پئي تہ ڪٿي حملو نہ ٿي پوي، شايد دارالندوه ۾ حضور ﷺ جي قتل جو فيصلو ٿي ويو هو.

طائف وڃي پاڻ ﷺ ٽن سردارن جي سامهون ان اميد تي پنهنجي دعوت پيش ڪئي تہ انهن مان ڪو هڪ بہ دعوت قبول ڪري وٺي ۽ ايمان آڻي تہ مان هتي لڏي اچان ۽ هي منهنجو دارالهجرت ٿي وڃي. پر الله جي حڪمت ۽ مرضيءَ ۾ اهو شرف يثرب جي نصيب ۾ هو طائف جي نصيب ۾ نہ هو، پر حضور ﷺ پنهنجي سوچ ويچار جي نتيجي ۾ طائف آيا هئا. ٽنهي سردارن دل چيرڻ وارا جواب ڏنا. هڪڙي چيو هتان جلدي واپس هليو وڃ، جي تون واقعي رسول آهين ۽ مون کا توهين ڪري وڏي تہ مان ماريو ويندس ۽ جي تون ڪوڙو آهين تہ ڪوڙي سان ڳالهائڻ مونکي پسند نہ آهي. ٻئي چيو تہ مڪي ۽ طائف ۾ توکان سواءِ ڪو الله کي ماڻهون ئي ڪونہ مليو هو؟ قرآن شريف ۾ ان جا اهي دل ڏاريندڙ لفظ نقل ٿيا آهن: وَقَالُوا لَوْلَا نُزِّلَ هَذَا الْقُرْآنُ عَلَى رَجُلٍ مِنَ الْقَرْيَتَيْنِ عَظِيمٍ (الزخرف 31) ( هنن ٻنهي آبادين ۾ڪو ماڻهون وڏي عظمت وارو هجي ها ) ان جي جائداد مڪي ۾ بہ هجي هان ۽ طائف ۾ بہ، اهڙو ماڻهون الله کي نبي ٺاهڻ لاءِ ڪونہ مليو؟ تو جهڙو پينگيو ۽ يتيم ماڻهون، جنهن جي پنهنجي ڪابہ ذاتي دولت نہ هئي، جيڪا هئي اها بہ پنهنجي زال جي، اهڙو ماڻهون الله چونڊيو آهي؟ بهر حال پاڻ ﷺ انهن کان مايوس ٿي واپس روانا ٿيا آهن تہ انهن بدبختن گهٽين جي آوارا ڇوڪرن کي اشارو ڪري ڇڏيو تہ ٽورو ان جي خبر وٺو، جنهن تي انهن پٿراءُ شروع ڪري ڏنو. حضرت زيد بن حارثہ رضي الله تعاليٰ عنہ پاڻ ﷺ کي بچائڻ جي گهٽي ڪوشش ڪئي پر اهو جي سامهون اچي بچائي پيو تہ هو پويان کان پيا پٿراءُ ڪن،

تکي تکي گوڏي جي ڍڪڻي تي پٿر هڻي رهيا هئا. پاڻ ﷺ جون پنيون به زخمي ٿي پيون، رت وهي وهي نعلين(جُتِي) جي اندر وڃي ڄمي پيو هو. اتان پاڻ ﷺ نڪتا ۽ هڪ جڳهه تي وڃي ويٺا ته حضور ﷺ جي زبان مبارڪ تي هيءَ فرياد اچي ويئي:

اَللّٰهُمَّ اِلَيْكَ اَشْكُوْا ضُعْفَ قُوَّتِيْ وَقِلَّةَ حِيْلَتِيْ وَهَوَانِيْ عَلَى النَّاسِ

يَا اَرْحَمَ الرَّاحِمِيْنِ، اَنْتَ رَبُّ الْمُسْتَضْعَفِيْنَ وَاَنْتَ رَبِّيْ اِلٰى مَنْ

تَكِلُنِيْ اِلٰى بَعِيْدٍ يَتَجَهَّمُنِيْ اَمْ اِلٰى عَدُوٍّ مَلَّكْتَهٗ اَمْرِيْ اِنْ

لَمْ يَكُنْ عَلَيَّ غَضَبٌ فَلَا اُبَالِيْ وَلٰكِنْ عَافِيَتُكَ هِيَ اَوْسَعُ لِيْ،

اَعُوْذُ بِنُوْرِ وَجْهِكَ الَّذِيْ اَشْرَقَتْ لَهُ الظُّلُمٰتُ وَصَلُحَ عَلَيْهِ اَمْرُ

الدُّنْيَا وَالْاٰخِرَةِ مِنْ اَنْ يَّنْزِلَ بِيْ غَضَبُكَ اَوْ تَحُلَّ عَلَيَّ سَخَطُكَ،

لَكَ الْعَتَبٰى حَتّٰى تَرْضٰى، وَلَا حَوْلَ وَلَا قُوَّةَ اِلَّا بِكَ

اي الله مان تنهنجي ئي دربار ۾ پنهنجي بي وسي، وسيلن ۽ ذريعن جي گهٽتائي ۽ ماڻهن ۾ منهنجي جيڪا رسوائي ٿي رهي آهي، ان جي شڪايت ڪيان ٿو. اي الرحم الراحمين! تون ڪمزورن جو رب آهين ۽ منهنجو به! اي منهنجا پالڻهار! تون مونکي ڪنهن جي حوالي ٿو ڪرين؟ اهي پري پري وارا ماڻهون جن جو مونسان ڪوبه تعلق نه آهي، ته اهي مونکي تختهء مشق بنائين! يا تو منهنجي سيني معاملن کي دشمن جي حوالي ڪري ڇڏيو آهي؟ پوءِ به جي مونتي تون ڪاوڙيل نه آهين ته مونکي انهن ڳالهين جي ڪابه پرواهه نه آهي، پر ڪجهه به هجي، تنهنجون عنايتون ته مونتي تمام گهڻيون آهن. مان تنهنجي مُک جي نور جي پناهه ۾ اچان ٿو جنهن سان سڀ انڌيرا ختم ٿين ٿا ۽ جنهن جي پاڇي سان دنيا ۽ آخرت جا سڀ معاملا سڌا ٿين ٿا، ان کان جو مونتي تنهنجي ڪاوڙ جاڳي يا تنهنجو ڪهر ٽٽي، پرچائڻو آهي، ان وقت تائين پرچائڻو آهي جيستائين تون راضي نه ٿي وڃين، نه طاقت آهي، نه زور آهي، پر صرف تنهنجي ئي مدد آهي.

جڏهن ته پهريان پاڻ ﷺ الله تعالي جي حضور فرياد ڪئي، ان کان پوءِ پاڻ ﷺ مقام عبديت واري ڳالهه ڪئي. محمد رسول الله ﷺ کي عبدهٗ ورسوله

وارا ۽ تعلق حاصل آهن، مقام عبديت جي تقاضا ڪجهه ٻي آهي، يعني ڪنڌ جهڪائي ڇڏڻ ته ڪاٻه شڪايت چپن تي نه اچي. تنهنڪري عرض ڪئي اِنْ لَمْ يَكُنْ عَلَيَّ غَضَبٌ فَلَا اُبَالِيْ! اي الله! (اهو سڀ ڪجهه ٿيڻ ڪانپوءِ ٻه) جي تون ناراض نه آهين ته پوءِ مونکي ڪابه پرواهه نه آهي! يعني

سرِ تسلیم خم ہے جو مزاجِ یار میں آئے!

خدشو اهو آهي ته ڪٿي تون ناراض نه ٿي ويو هجين. جيئن شروع ۾ وحي جو سلسلو ڪجهه وقت لاءِ رڪجي ويو هو ته پاڻ ﷺ کي اهو شڪ ٿي پيو هو ته ڪٿي الله سبحانهٗ وتعاليٰ ناراض نه ٿي پيو هجي ته ان تي هي آيت نازل ٿي هئي:

وَالضُّحٰى (1) وَاللَّيْلِ إِذَا سَجٰى (2) مَا وَدَّعَكَ رَبُّكَ وَمَا قَلٰى (3) وَلَلْاٰخِرَةُ خَيْرٌ لَّكَ مِنَ الْاُوْلٰى (4)

انهيءَ ڪي ئي فارسيءَ ۾ چوندا آهن عشق است هزار بدگمانی يعني جتي عشق ۽ محبت جو معاملو هوندو آهي اتي تمام جلد بدگماني پيدا ٿيندي آهي ته ڪٿي محبوب ڪنهن ڳالهه جي ڪري ناراض ته نه ٿي پيو آهي، ان کي ڪا منهنجي ڳالهه ناگوار ته نه لڳي آهي. بهر حال ڪجهه ٻه هجي، ان سڀ ڪانپوءِ ٻه جي تون مونتي ڪهريل نه آهين ۽ تون مونسان ناراض نه آهين ته پوءِ مونکي ڪابه پرواهه نه آهي.

سفر طائف ذاتي طور تي محمد رسول الله ﷺ لاءِ مشڪل ۽ آزمائش، امتحان ۽ سختين ۾ چوٽيءَ تي آهي. مولانا مناظر احسن گيلاني پنهنجي لکت النبي الخاتم ۾ ان کي سيرت طيبه جو هڪ اهم موڙ Turning Point سڏيو آهي. ان ڪان پوءِ الله تعاليٰ جي طرفان حضور ﷺ کي خصوصي حفاظت ۽ Protection نصيب ٿيو. پر طائف ڪان فوري طور تي واپسي ڪانپوءِ عالم اسباب ۾ پاڻ ﷺ جو معاملو هيءُ هو ته پاڻ ﷺ مکي ۾ واپس داخل نه پئي ٿي سگهيا، اتي پاڻ ﷺ جي قتل جو فيصلو ٿي چڪو

هو، داخل ٿيندو ته قتل ڪيو ويندو. ۽ جڏهن دارالندوه ۾ فيصلو ٿي ويو هجي ته اهڙو قدم کڻڻ واري تي ڪو به ڏوهه يا الزام نه ايندو ۽ نه ئي ڪو مقدمو هلندو آهي. پاڻ ﷺ طائف ويو هو ۽ اتان خالي هٿين واپس وريو هو. نوٽ ڪري وٺو مان اهو نقطو واضع ڪرڻ چاهيان ٿو ته پاڻ ﷺ عالم اسباب ۾ سموري جدوجهد قدم به قدم زمين تي هلي ڪئي آهي. تنهن ڪري عالم اسباب ڪي استعمال ڪندي پاڻ ﷺ هڪ مشرڪ ڪي پيغام موڪليو ته جي تون مونکي پنهنجي پناهه ڏين ته مان مڪي ۾ داخل ٿيان. هاڻي مان ٻڌائي چڪو آهيان ته قبيلائي زندگي جو اهو اصول هوندو هو ته جي ڪو به ماڻهون ڪنهن ڪي پناهه ڏئي ته سڀني جي طرفان پناهه سمجهي ويندي. پر ان ڪافر انڪار ڪري ڇڏيو. وري پاڻ ﷺ حضرت زيد بن حارثه رضي الله تعاليٰ عنه ڪي هڪ ٻئي ماڻهوءَ ڏانهن موڪليو پر ان به انڪار ڪري ڇڏيو. ٽيون ماڻهون مطعم بن عدي شريف النفس ماڻهون هو ان وٽ پاڻ ﷺ جو پيغام پهتو ته ان چيو توهان منهنجي امان ۾ آهيو هليا اچو. پاڻ ﷺ چورائي موڪليو ته ائين نه ايندس اچ ۽ پاڻ اچي وٺي وڃ. ان جو سبب ڇا آهي؟ اهو ته پاڻ ﷺ جي ائين ئي مڪي ۾ داخل ٿي وڃن ها ۽ ڪو ماڻهون پاڻ ﷺ تي اوچتو حملو ڪري ها ته اهي بعد ۾ ڇئي پئي سگهيا ته اسان ڪي کهڙي خبر ته هن ڪي مطعم بن عدي پناهه ڏني آهي. پاڻ ﷺ ان حد تائين دنيا جا اسباب استعمال ڪيا آهن. ان ڪري جو هي عالم اسباب آهي ۽ هتي جيڪا به جدوجهد ڪرڻي آهي انهن وسيلن جي اندر رهي ۽ انهن ڪي اختيار ڪري ڪرڻي آهي. ان ڪري پاڻ ﷺ هڪ مشرڪ ۽ ڪافر جي پناهه وٺڻ قبول ڪئي ۽ پوءِ مطعم بن عدي هٿيار سجائي پنهنجن ڇهن پٽن سميت اهو چوندو آيو آهي ته مون محمد ﷺ ڪي پناهه ڏني آهي ۽ اڄ ڪان محمد ﷺ منهنجي پناهه ۾ آهي تڏهن پاڻ ﷺ مڪي ۾ داخل ٿيا آهن. پاڻ ﷺ ڪي ان جي ان احسان جو ايترو ته احساس هو جو غزوه بدر ۾ جيڪي ستر قيدي پاڻ ﷺ جي قيد ۾ آيا انهن جي باري ۾ پاڻ ﷺ جن فرمايو ته اڄ جي مطعم

بن عدي زنده هجي ها ۽ اهو انهن جي سفارش ڪري هان ته مان انهن سيني قيدين کي ڇڏي ڏيان هان پر مطعم بن عدي ان دوران مري ويو هو ۽ اهو حالت ڪفر ۽ شرڪ ۾ ئي رهيو.

مون رسول الله ﷺ جي جدوجهد جي پهرين 10 سالن جي هڪڙي جهلڪ ڏيکاري آهي. پاڻ ﷺ جي انقلابي جدوجهد جو وقت 20 سال آهي. عرب ۾ انقلاب 20 هن سالن ۾ مڪمل ٿيو جڏهن مڪو ۽ طائف فتح ٿيا اهڙي طرح سڄي عرب ۾ انقلاب مڪمل ٿي ويو. ان لاءِ مڪي جا 12 سال ۽ مديني جا 8 سال ملايو ته 20 سال ٿين ٿا. ان وقت کي ٻن حصن ۾ ورهايو 10 سال هيڏانهن ۽ 10 سال هوڏانهن. پهرين 10 سالن جو حاصل مون توهان جي سامهون رکيو آهي ته ڪل 125 يا 150 ماڻهن ايمان آندو آهي ۽ طائف کا واپسي تي پاڻ ﷺ جي اها حيثيت به نه هئي ته پاڻ مڪي ۾ پنهنجي ذاتي حيثيت ۾ رهي سگهن هان. ان ڪري پاڻ ﷺ هڪ ڪافر ۽ مشرڪ جي پناهه وٺي مـــڪي ۾ واپس داخل ٿيا آهن. اها ڏهن سالن جي اڻ ٿڪ محنت آهي. پر اڳين ڏهن سالن ۾ اسلامي انقلاب تمام تيزي سان مڪمل ٿيو آهي.

## بيعت عقبہ اوليٰ ۽ بيعت عقبہ ثانيہ:

طائف کان واپسي کان پوءِ انهيءَ ئي سال حج جي موقعي تي پاڻ ﷺ مڪي جي ٻاهران وادين ۾ ترسيل حاجين سان ملاقاتون ڪري انهن کي اسلام جي دعوت ڏئي رهيا هئا ته انهن کي يثرب کان آيل ڇهه حاجي ملي ويا. پاڻ ﷺ انهن جي سامهون پنهنجي دعوت رکي. اهي ڇهه ئي حاجي قبيلي خزرج جا هئا. يثرب جا يهودي چو ته اهو چوندا رهندا هئا تمام جلد نبي آخر زمان (ﷺ) ظاهر ٿيڻ وارو آهي، ۽ جڏهن انهن يهودين جو قبيلن اوس ۽ خزرج سان جهيڙو ٿيندو هو ۽ اهي انهن قبيلن کان مار کائيندا هئا ته چوندا هئا ته هاڻي ته توهان اسان کان زور ٿيو ٿا وڃو، پر ڏسجو جڏهن نبي آخر زمان ﷺ ظاهر ٿيندو ۽ اسان ان سان گڏجي توهان سان جنگ ڪنداسين ته

پوءِ توهان اسان کي شڪست نه ڏئي سگهندا. يهودين جون اهي ڳالهيون يثرب جي ماڻهن جون ٻڌل هونديون هيون. جنهن ڪري جڏهن يثرب جي حاجين جي سامهون پاڻ ﷺ دعوت پيش ڪئي ته انهن ٽيڏين اکين سان هڪ ٻئي ڪي ڏٺو لڳي ٿو ته هي اهو ئي نبي آهي جنهن جو ذڪر يهودي ڪندا آهن، تنهن ڪري ان کان اڳ جو يهودي پاڻ ﷺ تي ايمان آڻين هان خزرج قبيلي جي انهن ڇهن ئي حاجين ايمان قبول ڪري ورتو. واپس يثرب وڃي انهن ٿوري گهڻي ته دعوت ڏني هوندي ان جي نتيجي ۾ اڳئين سال حج جي موقعي تي ٻارهن حاجي. حضور ﷺ جي خدمت ۾ حاضر ٿيا ۽ انهن چيو ته اسان ڪي ڪوئي استاد ۽ تبليغ ڪرڻ وارو ڳڏي ڏيو جيڪو اسان کي قرآن پڙهائي، ڇو ته توهان سان ته اسان جي ملاقات هاڻي اڳئين سال ئي ٿيندي.

توهان کي معلوم آهي ته عرب ۾ سفر ڪرڻ سولو ڪم نه هو، قرلٽ، ڌاڙن ۽ قتل جو ڊپ رهندو هو ۽ قافلا ڦريا ويندا هئا، صرف حرمت وارن مهينن يعني حج جي ڏينهن ۾ امن امان هوندو هو ڪو به ڪنهن کي تنگ نه ڪندو هو. انڪري انهن پاڻ ﷺ کي چيو ته توهان اسان کي ڪو قرآن پڙهائڻ وارو ڏيو. پاڻ ﷺ حضرت مصعب بن عمير رضي الله تعاليٰ عنه کي ساڻن ڪري موڪليو. ڪجھ وقت کان پوءِ پاڻ ﷺ هڪ صحابي حضرت عبدالله بن ام مڪتوم رضي الله تعاليٰ عنه جيڪو نابينا هو کي يثرب روانو ڪيو. انهن ٻنهي اتي دعوت ۽ تبليغ جو ڪم ڪيو ۽ ان محنت ۽ محبت سان ماڻهن کي قرآن پڙهايو جو حضرت مصعب بن عمير رضي الله تعاليٰ عنه جو نالو ئي مقري پئجي ويو. ان دعوت ۽ تبليغ جي نتيجي ۾ اڳئين سال پنجهتر (75) ماڻهون مڪي آيا ۽ بيعت عقبه ثانيه ٿي وئي، جنهن جي نتيجي ۾ هجرت جو دروازو کلي ويو. انهن 75 ماڻهن ۾ اوس ۽ خزرج جا وڏا وڏا ماڻهون به موجود هئا. انهن ٻنهي قبيلن جي اسلام ڏانهن پيش قدمي سان الله تعالي جي اها مشيت اهڙي طرح پوري ٿي ۽ مديني ڏانهن هجرت ٿي وئي.

رسول الله ﷺ پنهنجي صحابين کي ته مديني ڏانهن هجرت جي اجازت ڏيئي

چڏي پر پاڻ الله سبحانهٗ وتعاليٰ جي طرفان واضع اجازت اچڻ جي انتظار ۾ رهيا.

ان سلسلي ۾ هڪ واقعو توهان جي سامهون پيش ڪرڻ گهران ٿو. حضرت ابوبڪر رضي الله تعاليٰ عنہ پاڻ ﷺ سان سفر هجرت لاءِ بلڪل تيار هئا ۽ پاڻ ﷺ کان پڇندا رهندا هئا ته حضور ﷺ هجرت جي اجازت آئي؟ پاڻ ﷺ فرمائيندا هئا اجان نه آئي آهي. اهڙي طرح حضرت ابوبڪر رضي الله تعاليٰ عنہ روز پڇندا رهندا هئا. حضرت عائشہ رضي الله تعاليٰ عنها ٻڌايو آهي ته هڪ ڏينهن اسان عجيب حال ڏٺو ته ٻيپهري جي وقت رسول الله ﷺ اچي رهيا آهن ۽ پاڻ ﷺ پنهنجي منهن ۽ مٿي تي ڪپڙو ويڙهي رکيو آهي. عرب ۾ منجهد جي وقت ڪنهن وٽ وڃڻ نه هاڻي پسنديده آهي نه ڪڏهن پهريان هو، اهو قيلولي جو وقت هوندو آهي. حضرت عائشہ رضي الله تعاليٰ عنها فرمائي ٿي ته اسان ان وقت حضور ﷺ جي اچڻ تي حيران ٿياسين. پاڻ ﷺ اچڻ سان اهو ٻڌايو ته هجرت جي اجازت ملي ويئي آهي. حضرت ابوبڪر رضي الله تعاليٰ عنہ گهڻو خوش هئا. ان پنهنجي پر تي ٻه ڏاچيون (هڪ پنهنجي لاءِ ٻي حضور ﷺ جي لاءِ) تيار ڪري بيهاريون هيون ۽ انهن کي ڪارائي پياري تازو توانو ڪري بيهاريو هو ته جيئن تيز ڊوڙي سگهن ۽ سفر هجرت ۾ ڪم اچن. حضرت ابوبڪر رضي الله تعاليٰ عنہ خوشيءَ سان عرض ڪيو ته حضور ﷺ مون سفر جي لاءِ ٻه ڏاچيون تيار ڪري بيهاريون آهن. پاڻ ٿورو سوچيو پوءِ فرمايو ٺيڪ آهي هڪ مان استعمال ڪندس پر ان جي قيمت ڏيندس. حضرت ابوبڪر رضي الله تعاليٰ عنہ اهو ٻڌي روئي ڏنو ته سرڪار ﷺ مون سان ٻه اهڙي اوپرائپ! اها حضور ﷺ جي غيرت، حميت ۽ خودداري هئي. الغرض مديني ڏانهن سفر هجرت ٿيو.

مڪي دور ۾ دعوت، تربيت ۽ تزڪئي، تنظيم ۽ صبر محض، اهي چار شيون گڏ گڏ هلي رهيون آهن. صبر محض تياري جو دور آهي ته جيستائين ايتري طاقت نه اچي ته ڪفر جي سامهون ٿي ان جو مقابلو ڪري سگهجي، ان

وقت تائين جي توهان تي ڪا ڏاڍائي به ٿئي ته سهو، برداشت ڪيو ۽ صبر ڪيو. ان مرحلي ۾ ڪابه جوابي ڪاروائي نه ڪيو. اها پاڻ ﷺ جي ڪاميابيءَ جي سلسلي ۾ پاڻ ﷺ جي دورانديشي ۽ معاملي فهمي جو انتهائي نازڪ معاملو هو. وحيءَ جلي، يعني قرآن مجيد ۾ اهڙو ڪوبه حڪم نه آيو هو ته پنهنجا هٿ ٻڌل رکو، پر ان حڪم جو ذڪر بعد ۾ سورة النساءَ آيت 77 ۾ هنن لفظن ۾ ڪيو ويو:

أَلَمْ تَرَ إِلَى الَّذِينَ قِيلَ لَهُمْ كُفُّوا أَيْدِيَكُمْ وَأَقِيمُوا الصَّلَاةَ وَآتُوا الزَّكَاةَ فَلَمَّا كُتِبَ عَلَيْهِمُ الْقِتَالُ إِذَا فَرِيقٌ مِنْهُمْ يَخْشَوْنَ النَّاسَ كَخَشْيَةِ اللَّهِ أَوْ أَشَدَّ خَشْيَةً وَقَالُوا رَبَّنَا لِمَ كَتَبْتَ عَلَيْنَا الْقِتَالَ لَوْلَا أَخَّرْتَنَا إِلَى أَجَلٍ قَرِيبٍ

ڇا توهان انهن ماڻهن ڪي نه ڏٺو آهي جن کي چيو ويو هو ته پنهنجا هٿ روڪي رکو ۽ نماز قائم ڪيو، زڪواة ادا ڪيو! (ان وقت ڪجھ ماڻهون چاهين پيا ته اسان کي جنگ جي اجازت ڏني وڃي) هاڻي جڏهن انهن کي جنگ جو حڪم ڏنو ويو آهي ته انهن مان هڪڙي گروهه جو حال اهو آهي جو ماڻهن کان ائين ڊڄي رهيا آهن جيئن الله کا ڊڄڻ گهرجي، يا ڪجھ ان کا به وڌيڪ، ۽ چون ٿا ته اي الله هي اسان کي جنگ جو حڪم ڇو ڏنو ويو آهي اجان اسان کي ڪجھ وقت ڇو نه ڏنو؟

مڪي سورتن ۾ ان حڪم جو ڪٿي به ذڪر نه آهي اهو به ممڪن آهي ته الله وحي خفي جي ذريعي هٿ روڪي رکڻ جو حڪم ڏنو هجي، ڇو ته حضور ﷺ تي صرف وحي جلي ئي نه پر وحي خفي به ايندي هئي. ان کان به وڌيڪ قرين قياس اهو آهي ته اهو حضور ﷺ جي پنهنجي سوچ، غور ۽ فڪر جي نتيجي ۾ اختيار ڪيل تدبير هجي. حضور ﷺ جي پنهنجي سوچيل سمجهيل راءِ هئي ته ڪابه انقلابي جماعت جيڪا اجان تعداد ۽ طاقت ۾ ٿوري آهي جي اها پرتشدد ٿي وڃي ته اها ڪچلجي ويندي. اهو ئي سبب آهي سموري تشدد جي باوجود صحابه ڪرام رضي الله تعاليٰ عنهم پرتشدد

ڪونہ ٿيا. جڏهن تہ انهن کي ماريو ۽ تنگ ڪيو پئي ويو، انهن کي گهر ۾ نظر بند ڪيو پئي ويو، انهن کي بڪارو ۽ اجيو رکيو پئي ويو. خاص طور تي غلامن تي تمام گهڻو تشدد ڪيو پئي ويو. حضرت عمار رضي الله تعاليٰ عنہ جي والدين حضرت سميہ ۽ حضرت ياسر رضي الله تعاليٰ عنهما کي تہ شهيد بہ ڪيو ويو. انهيءَ سڀ ڪجهہ ٿيڻ جي باوجود مسلمانن جي طرفان ڪابہ جوابي ڪاروائي نہ ڪئي ويئي. اهو تمام حڪيماڻو ۽ انتهائي سياڻپ جو انداز هو. اهي ڄاڻندا هئا تہ هن مرحلي تي جي جوابي ڪاروائي ٿي ويئي تہ باطل قوتن کي اسان کي ڪچلڻ جو پورو جواز ملي ويندو. اجان تہ اسان کي وقت گهرجي تہ اسان پنهنجي دعوت ۽ تربيت سان پنهنجي بنيادن کي وسيع، مستحڪم ۽ مضبوط ڪريون. ان کي علامہ اقبال هيئن چيو آهي تہ:

بانشہءدرويشي درسازو دمادم زن

يعني درويشي جو رنگ اختيار ڪيو ۽ انهيءَ جي رنگ ۾ رنگجي وڃو ۽ انهيءَ طريقي سان محنت ۽ ڪوشش ڪندا رهو. آخر دعوت ۽ تبليغ بہ تہ درويشي ئي هوندي آهي. ٻيو اهو تہ درويش کي جي ڪنهن چماٽ بہ هڻي ڪڍي تہ هو انهيءَ کي جواب ۾ چماٽ نہ هڻندو. درويشي اها آهي تہ ظلم ۽ ڏاڍ جي باوجود ڪوبہ جواب نہ ڏنو وڃي ۽ پنهنجا هٿ ٻڌل رکجن. ذاتي مدافعت Self Defense ۾ بہ هٿ نہ کنيا وڃن توڙي توهان جا ٽڪرا ٽڪرا ڪيا وڃن. انهيءَ ڪري حضرت خباب بن ارت رضي الله تعاليٰ عنہ کي چيو ويو تہ قميص لاهہ تہ انهيءَ لاهي ڇڏي ان جي اکين جي سامهون زمين تي ٽانڊا ٻري رهيا هئا. هاڻي حضرت خباب رضي الله تعاليٰ عنہ کي چيو ويو تہ هنن ٽانڊن تي ليٽي پئہ تہ هو ليٽي پيو. ان ڪري جو صبر محض ۽ هٿ ٻڌل رکو محمد عربي ﷺ جو حڪم هو. نہ تہ ماڻهون جي مايوس ٿي وڃي انهيءَ ڳالهہ تي تہ هي تہ منهنجو ڪباب ٺاهڻ لاءِ تيار آهن ۽ جوابي قدم کڻي تہ آخر بن ٽن کي ماري ئي مرندو يا نہ. ٻليءَ کي بہ جي توهان ڪنڊ ۾ ڦاسايو ۽ جي ان کي محسوس ٿئي تہ هاڻي منهنجي لاءِ ڀڄڻ جو ڪو رستو نہ رهيو آهي تہ

اها توهان تي هلان ڪري ڏيندي. اهڙي طرح جي ڪنهن ماڻهوءَ کي اها پڪ ٿي وڃي ته هي مونکي جيئرو ساڙڻ لاءِ تيار آهن ته اهو ڪجهه کي ته ماري مرندو، پر محمد عربي ﷺ جي انقلابي جدوجهد ۾ صبر محض جي مرحلي ۾ هٿ کڻڻ جي اجازت نه هئي.

مڪي جا ٻارنهن سال دعوت ۽ تبليغ، تربيت ۽ اندر جي پاڪائي ۽ تنظيم سازي جي مرحلن ۾ گذريا، جنهن جي چوٽي بيعت عقبه ثانيه آهي. جنهن ۾ پاڻ ﷺ صحابه رضي الله تعاليٰ عنهم کان عهد ورتو. حضرت عباده بن صامت رضي الله تعاليٰ عنه ٻڌائين ٿا ته:

بَايَعْنَا رَسُولَ اللهِ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَسَلَّمَ عَلَى السَّمْعِ وَالطَّاعَةِ فِي الْعُسْرِ وَالْيُسْرِ وَالْمَنْشَطِ وَالْمَكْرَهِ وَعَلَى أَثَرَةٍ عَلَيْنَا وَعَلَى أَنْ لَا نُنَازِعَ الْأَمْرَ أَهْلَهُ وَعَلَى أَنْ نَقُولَ بِالْحَقِّ أَيْنَمَا كُنَّا لَا نَخَافُ فِي اللهِ لَوْمَةَ لَائِمٍ

اسان الله جي رسول ﷺ سان اها بيعت ڪئي هئي ته توهان ﷺ جو هر حڪم ٻڌنداسين ۽ مڃينداسين، چاهي مشڪل هجي چاهي آسان، چاهي ان لاءِ دل راضي هجي چاهي اسان کي پنهنجي طبيعت تي جبر ڪرڻو پوي، چاهي توهان ٻين کي اسان تي ترجيح ڏيو، ۽ جن کي به توهان اڳواڻ چونديندا انهن سان جهيڙنداسين ڪونه ( انهن سان تعاون ڪنداسين) ۽ جتي به هونداسين حق ڳالهه ( ۽ صحيح صلاح) ضرور پيش ڪنداسين، اسان الله جي معاملي ۾ ڪنهن ملامت ڪرڻ واري جي ملامت کان ڪونه ڊڄنداسين.

اها هڪ عظيم بيعت هئي جنهن سان هڪ تنظيم وجود ۾ آئي.

## اندروني مظبوطيءَ جي لاءِ ڪنيل قدم

مديني ۾ اچي پاڻ ﷺ ڇهن مهينن ۾ ٽي ڪم ڪيا. پهريون اهو ته مسجد نبوي جي تعمير ڪئي جنهن سان هڪ مرڪز ٺهي پيو. هاڻي اها دارالندوه به هئي ۽ دارالمشاورت به، اها دارالاماره به هئي ۽ دارالصلاة به هئي. اها ئي دارالتعليم، دارالتزڪيه ۽ دارالاحسان به هئي. ان کي توهان خانقاه، درسگاه،

تربيت گاه، ايوان حڪومت، عدالت ۽ پارليامينٽ هائوس چئي سگهو ٿا. الغرض مسجد نبوي جي صورت ۾ هڪ مرڪز وجود ۾ اچي ويو هو. ٻيو اهو ته پاڻ ﷺ انصار ۽ مهاجرن جي وچ ۾ ڀائيچارو ڪري ڀاءُ ڀاءُ ٺاهي ڇڏيو ته جيئن اسلامي جماعت جا ٻئي حصا پاڻ ۾ ملي وڃن، ۽ ٽيون اهو ته پاڻ ﷺ يهودين سان معاهدا ڪري انهن کي پابند ڪيو ته جي مديني تي حملو ٿيو ته ان جي سيئي گڏجي حفاظت ڪنداسين.

## مستشرقين جي تنگ نظري

هتي آءُ توهان کي ٻڌائڻ چاهيان ٿو ته مستشرقين پنهنجي تنگ نظري جي ڪري رسول الله ﷺ جي مڪي ۽ مدني دور جي طرز زندگي کي متضاد قرار ڏنو آهي. جنهن ڪري ٽائن بي (Toynbee) پاڻ ﷺ جي باري ۾ هڪ تمام زهر ڀريل جملو چيو آهي ته:

.Muhammad failed as a Prophet and succeded as a statesman

معنيٰ محمد (ﷺ) نبيءَ جي حيثيت سان ته ناڪام ٿيو آهي پر بحيثيت سياستدان ڪامياب ٿيو.

مڪي ۾ دعوت ۽ تربيت، تزڪئي ۽ صبر محض جو جيڪو نقشو هو ان جي ويجهو نبين جو ڪم اهو ئي هوندو آهي. اهو ئي ڪم ٽن سالن تائين حضرت عيسيٰ عليہ السلام ڪيو آهي. ان جو چوڻ اهو آهي ته محمد (ﷺ) جڏهن مڪي ۾ناڪام ٿي ويو ته اهو (معاذالله) مديني ڏانهن ڀڄي ويو. مستشرقين هجرت مدينه کي Flight to Madina چوندا آهن. جڏهن ته اهو ڀڄڻ نه هو پر هڪ متبادل مرڪز Alternate Base جي طرف وڃڻ هو. ڀهريان پاڻ ﷺ متبادل مرڪز جي تلاش ۾ طائف سفر ڪيو هو پر الله جي مشيت ڪجھ ٻي هئي. تنهنڪري الله تعاليٰ هي متبادل مرڪز مديني جي صورت ۾ عطا ڪيو. انقلابي جدوجهد جي شروعات ڪرڻ لاءِ مديني جي حيثيت هڪ مرڪز جي هئي.

برطانوي پروفيسر منٽگمري واٽ، جنهن کي ضياءُالحق خاص طور تي پاڪستان گهرايو هو، ان سيرت محمدي ﷺ تي ٻه ڪتاب لکيا آهن: Muhammad at Makka ۽ Muhammad at Madina هن انهن ٻنهي ڪتابن ۾ پنهنجي خيال طور رسول الله ﷺ جي زندگي متضاد رخن کي نمايان ڪيو آهي. هن جو چوڻ اهو آهي ته مڪي وارو محمد (ﷺ) ڪو ٻيو آهي ۽ مديني وارو ڪو ٻيو آهي. مڪي وارو محمد (ﷺ) ته داعي، مزڪي، مبلغ ۽ درويش آهي ۽ ان جي سيرت ۾ واقعتن نبين وارو نقشو نظر اچي ٿو جڏهن ته مديني وارو محمد ﷺ ته هڪ مدبر، منتظر، Statesmen، سياست دان ۽ سپهه سالار آهي. ان جي ويجهو ته اهي ٻئي شخصيتون بلڪل جدا جدا آهن. ان ڪان قطع نظر ته Muhammad at Madina ۾ هن پاڻ ﷺ جي لاءِ مدح ۽ تعريف جي لاءِ سمورن ممڪن لفظن کي هڪ جاءِ تي جمع ڪري ڇڏيو آهي. پاڻ ﷺ جي دورانديشي، معاملا فهمي، پاڻ ﷺ جي صحيح صحيح صورتحال جي باري ۾ صحيح صحيح قدم کڻڻ جي صلاحيت، پاڻ ﷺ جي انسانن جي سڃاڻپ ۽ هر ماڻهوءَ جي ذهني صلاحيتن جو اندازو ڪندي ان سان ان جي سطح تي ڳالهه ڪرڻ ۽ هر ماڻهوءَ ڪان ان جي صلاحيت ۽ استعداد جي مطابق ڪم وٺڻ جهڙين سمورين خاصيتن جو ذڪر هن تمام ڪلئي دل سان ڪيو آهي. هن پاڻ ﷺ جي موقع کي سمجهڻ جي صلاحيت، سوچ ويچار ۽ سياست وغيره جا جيترا به اعليٰ ترين اوصاف آهن انهن جو ذڪر افعل التفضيل Supperlative جي صيغي ۾ ڪيو آهي. ان سان هڪ سادي مسلمان کي اهو ڌوڪو لڳيو وڃي ته شايد هي ڪتاب پاڻ ﷺ جي تعريف ۾ لکيو ويو آهي. جڏهن ته هو تضاد Contrast بيان ڪري رهيو آهي ته بحيثيت سياستدان Statesman ته پاڻ ﷺ جا اهي اوصاف آهن، جڏهن ته بحيثيت نبي پاڻ ﷺ ناڪام ٿي ويا ۽ پاڻ ﷺ کي ڀڄي اچي مديني ۾ پناهه وٺڻي پئي. اُهو، اِهو زهر آهي جيڪو هن اوڳاڇيو آهي. پر حضور ﷺ جي معاملي فهمي، دور انديشي ۽ Statesmanship جو هن ڳوڙها ڪوڙي اعتراف ڪيو آهي. پاڻ ﷺ

جي انهن صلاحيتن جو شاهڪار ميثاق مدينہ آهي، جنهن ۾ پاڻ ﷺ مديني ۾ آباد ٽنهي يهودي قبيلن کي پابند ڪيو. جڏهن تہ بعد ۾ اهي هڪ هڪ تي غداري ڪندا رهيا پر اها ڳالهہ ظاهر پئي آهي تہ جي اهي غداري بہ ڪندا هئا تہ لڪي لڪي ۽ ڊڄندي ڊڄندي، جو تہ اهي ان معاهدي ۾ ٻڌل هئا. سر عام هنن کي انهن سرگرمين جي همٿ ڪانہ ٿيندي هئي، جنهن ڪري لڪ ڇپ ۾ سازشون ڪندا رهيا. اهي ڪڏهن مڪي وارن کي پڙڪائيندا هئا، ڪڏهن ڪنهن ٻئي کي. بعد ۾ انهن معاهدن جي خلاف ورزين جي سبب يهودين جي ٽنهي قبيلن بنو قينقاع، بنو قريظہ ۽ بنو نضير کي مديني کان تڙي ڪڍيو ويو.

## رسول الله ﷺ جي طرف کان ڇاپي مار مهمن جي شروعات

رسول الله ﷺ مديني ۾ شروعاتي ڇهہ مهينا مٿي ذڪر ڪيل ڪمن ۾ گذاريا ۽ ستين مهيني پاڻ ﷺ ننڍا ننڍا ڇاپي مار جٿا مڪي ڏانهن موڪلڻ شروع ڪيا. هاڻي اهو باطل کي چلينج ڪرڻ وارو انداز آهي. غزوه بدر کان پهرين پاڻ ﷺ اهڙا اٺ جٿا روانا ڪيا آهن. بدقسمتي سان سيرت جا اهي ڪتاب جيڪي انگريز جي دور ۾ لکيا ويا ان جي لکندڙن انهن واقعن کي گهڻي اهميت نہ ڏني آهي ۽ انهن کي لڪايو بہ آهي. ايستائين جو علاما شبلي نعماني بہ انهن کي نہ لکيو آهي. ان جو سبب ڇا آهي؟ اها تہ رسول الله ﷺ جي انهن ڳالهين سان اهو ثابت ٿئي ٿو تہ هجرت کان پوءِ جنگ جي شروعات محمد رسول الله ﷺ جي طرفان ٿي آهي مڪي جي قريش جي طرفان نہ ٿي آهي. جڏهن تہ يورپي استعماري دور ۾ اسان تي اها تنقيد ٿيندي هئي تہ اسلام تہ تلوار سان پکڙيو آهي،

بوئے خوں آتی ہے اس قوم کے افسانوں سے!

۽ هي تہ خوني ۽ جنوني ماڻهون آهن، هي دليل سان نٿا ڳالهائين پر طاقت سان ٿا ڳالهائين. اولهہ جي طرفان جو تہ لڳاتار اها پروپيگنڊا ٿي رهي هئي

جنهن ڪري اسان جو انداز بہ معافي گهرندڙن وارو ٿي ويو هو: تہ، نہ! پاڻ ﷺ تہ جنگ نہ ڪئي هئي پاڻ ﷺ تہ صرف پنهنجو بچاءُ ڪيو آهي شروعات تہ ڪافرن جي طرفان ٿي هئي. اها ڳالھ سئو سيڪڙو غلط آهي. ان ڪري جو پاڻ ﷺ کي تہ الله تعاليٰ دين کي غالب ڪرڻ جي لاءِ موڪليو هو . پاڻ ﷺ مڪي کان مديني ۾ اتان جي باغن جي ٿڌي ڇانون ۾ آرام ڪرڻ تہ نہ آيا هئا، .اهو تہ الله خاص ڪري ان جدوجهد جي اڳئين مرحلي يعني اڳرائي جي لاءِ Base طور ڏنو هو. پاڻ ان مرحلي کي وڌ ۾ وڌ ڇھ مهينا پوئتي ڪري پئي سگهيا تہ جيئن اتي پنهنجي پوزيشن کي مضبوط ڪن، ان کان وڌيڪ پاڻ ﷺ لاءِ اهو ممڪن ئي نہ هو. ان ڪري پاڻ ﷺ اتي پنهنجي پوزيشن مضبوط ٿيندي ئي اڳرائي ڪرڻ شروع ڪري ڏني، ۽ اهو سلسلو پاڻ ﷺ جي طرفان ئي شروع ٿيو آهي. اهڙا اٺ جٿا غزوه بدر کان پهريان موڪليا ويا آهن. انهن مان چار غزوات آهن جن ۾ پاڻ ﷺ ذاتي طور تي شامل رهيا آهن ۽ چار ئي سرايا آهن جن ۾ پاڻ ﷺ ذاتي طور تي شامل نہ هئا.

انهن جٿن جو مقصد هڪ تہ قريش کي چيلنج ڪرڻ ۽ ٻيو مڪي جي معاشي ناڪي بندي Economic Blockade هو ڇو تہ مڪي وارن جي معاش جوسڄو دارومدار اڪيلي سر واپار تي هو. انهن جا واپاري قافلا اتر ۽ ڏکڻ ڏانهن سفر ڪندا هئا. اتر ۾ شام ڏانهن ويندڙ قافلا بدر مان ٿي گذرندا هئا. بدر مديني کان اسي ميلن جي فاصلي تي آهي ۽ مڪي کان ٻہ سئو ميل پري آهي، جنهن ڪري اهو مسلمانن جي پهچ ۾ هو. هوڏانهن ڏکڻ طرف جيڪي قافلا يمن ڏانهن ويندا هئا اهي نخلا جي واديءَ مان ٿي گذرندا هئا جيڪو مڪي جي ڏکڻ اوڀر ۾ آهي ۽ مديني کان ان جو فاصلو گهٽ ۾ گهٽ ٻہ ٽي سئو ميل آهي. پر پاڻ ﷺ نخلا جي وادي ڏانهن بہ هڪ جٿو روانو ڪيو آهي. انهن جٿن جو مقصد قريش کي اهو ٻڌائڻ هو تہ توهان جي زندگي هاڻي اسان جي هٿن ۾ آهي. ان کي جديد اصطلاح ۾ مڪي جي معاشي ناڪي بندي چئي سگهجي ٿو. انهن جٿن جي موڪلڻ مان پاڻ ﷺ جيڪو ٻيو مقصد

حاصل ڪيو اهو قريش کي سياسي طور تي بلڪل اڪيلو ڪرڻ Political Isolation هو. پاڻ ﷺ انهن ڇئن مهنن دوران جن ۾ پاڻ ذاتي طور تي شامل هئا جتي ته ويا اتان جي علاقائي قبيلن سان معاهدا ڪيا، جنهن ڪري اهي قبيلا جيڪي اڳ قريش جا اتحادي هئا هاڻي يا ته پاڻ ﷺ جا اتحادي ٿي ويا يا اهي غير جانبدار ٿي ويا معنيٰ هاڻي نه ته اهي قريش جي خلاف پاڻ ﷺ جو ساٿ ڏيندا ۽ نه ئي وري پاڻ ﷺ جي خلاف ڪابه قريش جي مدد ڪندا. پر انهن ٻنهي جو نتيجو اهو نڪتو ته قريش جي سياسي اثر جو دائرو گهٽجڻ لڳو ۽ پاڻ ﷺ جي سياسي اثر جو دائرو وڌڻ لڳو. قرآن شريف ۾ وچ واري دور جون جيڪي مڪي سورتون آهن انهن مان سورت انبيا ۾ هيءَ آيت آئي آهي:

اَفَلَا يَرَوْنَ اَنَّا نَاْتِي الْاَرْضَ نَنْقُصُهَا مِنْ اَطْرَافِهَا

ڇاانهن کي نظر نٿو اچي ته اسان زمين کي مختلف پاسن کان گهٽ ڪندا پئا اچون؟

يعني اسان زمين کي ڇئن ئي پاسي ويڙهيندا مڪي ڏانهن پيا اچون. مڪي دور ۾ ئي انهن قبيلن ۾ به اسلام پکڙجڻ شروع ٿي ويو هو. هاڻي جڏهن ته اسلام مڪي ڏانهن مختلف قبيلن ۾ سان گڏ اچي رهيو آهي. هاڻي ان جي شڪل اها بيٺي ته پاڻ ﷺ انهن قبيلن سان معاهدا ڪري ورتا ته پاڻ ﷺ جو سياسي اثر پڻ وڌي رهيو هو ۽ قريش جو گهٽجي رهيو هو.

## غزوه بدر: هٿيار بند جهيڙن جي شروعات

رسول الله ﷺ جي انهن وڪن جي نتيجي ۾ تنگ آيد به جنگ آيد وانگر قريش جو هڪ هزار جو لشڪر نڪتو، جنهن جا ٻه سبب ٿي پيا هئا. هڪ اهو ته نخلا ۾ پاڻ ﷺ جيڪو جٿو موڪليو هو ان جو مقابلو قريش جي هڪ واپاري قافلي سان ٿي پئو جنهن ۾ مسلمانن جي هٿان هڪ مشرڪ مارجي

ويو ۽ مسلمان هڪڙي کي قيد ڪرڻ کان علاوه واپاري مال به کسي هليا آيا. هاڻي ته مڪي ۾ چوٻول پئجي ويو محمد (ﷺ) جي اها جرئت جو ان جي ماڻهن اسان جو ماڻهون ماري وڌو آهي. اهو هجرت کان پوءِ پهريون قتل هو ۽ اهو مسلمانن جي هٿان هڪ مشرڪ جو آهي. ٻيو اهو ته پاڻ ﷺ قريش جي هڪ واپاري قافلي جو تعاقب ڪري ان کي روڪڻ جي ڪوشش ڪئي هئي جيڪو ابوسفيان جي اڳواڻي ۾ شام وڃي رهيو هو پر اهو قافلو مسلمانن جي هٿان بچي نڪري ويو. قافلي جي واپسي وقت ابوسفيان کي ٻڌيڪ خطرو پئي محسوس ٿيو ڇو ته اهو هڪ تمام وڏو تجارتي قافلو هو جنهن تي هڪ هزار اٺن تي ڪروڙن جو واپاري سامان لڏيل هو، جنهنڪري ابوسفيان قريش ڏانهن هڪ پيغام موڪليو ته مونکي محمد (ﷺ) ۽ ان جي ساٿين مان خطرو آهي ته اهي حملو ڪري اسان کي ڦريندا، تنهنڪري جلدي مدد موڪليو. ٻئي پاسي ابوسفيان پاڻ رستو مٽائي ۽ بدر وٽان لنگهڻ جي بدران هيٺان ڪناري ڪناري سان تي لنگهي ويو. هتي مڪي ۾ ابوسفيان جو پيغام پهتو ۽ هوڏانهن نخلا مان ماڻهون روئيندا رڙندا ۽ ڪپڙا ڦاڙيندا پهتا ته محمد (ﷺ) جي ماڻهن اسان جو ماڻهون ماري وڌو آهي ته ان جي نتيجي ۾ قريش جي جذباتي (Hawks) ماڻهن جو پلڙو امن پسند ماڻهن (Doves) کان ڳرو ٿي ويو ۽ Hawks ۽ Doves هر قوم ۾ هوندا آهن. هر صورت ۾ مرڻ مارڻ لاءِ تيار ماڻهن کي Hawks چوندا آهن ۽ ويڙهه کا پاسو ڪرڻ وارن ماڻهن کي Doves چئبو آهي. قريش ۾ به ٻنهي قسمن جا ماڻهون موجود هئا.

Hawks ۾ ابو جهل، عتبه بن ابي معيط ۽ ٻيا وڏا وڏا ماڻهون هئا. انهن جو چوڻ اهو هو ته هلي مديني تي حملو ڪيو ۽ محمد (ﷺ) ۽ ان جي ساٿين کي ختم ڪري ڇڏيو. ٻئي پاسي انهن ۾ Doves به هئا، جن مان هڪ بزرگ شخص عتبه بن ربيعه به هو، جيڪو بدر جي ميدان ۾ پهريون مقتول هو، پر اهو تمام شريف النفس انسان هو، ٻيو حڪيم بن حزام هو جيڪو شايد دل ئي دل ۾ ايمان آڻي چڪو هو، پر اڃان ظاهر نه ڪيو هئائين، اهو به هڪ

شريف النفس انسان هو. هي بئي شخص چوندا هئا تہ هاڻي بلا اسان جي مٿي تان ٽري ويئي آهي، محمد (ﷺ) ۽ ان جا ساٿي هتان کان هليا ويا آهن، هاڻي توهان بہ محمد (ﷺ) کي ٻين عربن جي حوالي ڪري ڇڏيو، انڪري تہ محمد (ﷺ) تہ سڪون سان ويهڻ وارو ماڻهون نہ آهي، ان کي پنهنجي دعوت تہ پکيڙڻي آهي، تہ جيڪا موٽ اسان جي آهي اها ئي ساڳي موٽ ٻين جي بہ هوندي، ڇو تہ سڀ مشرڪ ۽ بت پرست آهن. هاڻي محمد (ﷺ) جي انهن سان ويڙهہ ٿيندي تہ جي ان ۾ محمد (ﷺ) ڪامياب ٿيو تہ اسانجو ڪهڙو نقصان ٿيندو اهو بہ تہ قريشي آهي، اهو بني هاشم مان آهي، جڻ تہ پوري عرب ۾ قريش جي حڪومت قائم ٿي ويندي، ۽ جي ٻين قبيلن محمد (ﷺ) کي ختم ڪري ڇڏيو تہ جيڪو توهان چاهيو ٿا اهو ٿي ويندو ۽ توهان کي پنهنجون تلوارون پنهنجن پائرن جي رت سان ڪونہ رنگڻيون پونديون. آخر محمد (ﷺ) بہ تہ بني هاشم مان آهي. آخر ڪار جڏهن اهي بئي ڳالهيون سامهون اچي ويون تہ Doves بيوس ٿي ويا ۽ Hawks جنگ جو بغل وڄائي ڇڏيو. اهڙي طرح اهي جنگ جي تيارين ۾ مصروف ٿي ويا ۽ هڪ هزار جو لشڪر هر طرح سان تياري ڪري جنگ لاءِ آيا.

هڪڙي ٻي ڳالهہ نوٽ ڪيو تہ جڏهن ڪافر بدر ۾ وچ ميدان ۾ پهچي ويا ۽ هوڏانهن پاڻ ﷺ بہ ٽي سئو تيرهن جو جٿو وٺي پهچي ويا تہ مڪي جي لشڪر کي اهو پيغام بہ ملي ويو هو تہ اسان جو قافلو تہ بچي نڪري ويو آهي، تہ وري حڪيم بن حزام ۽ عتبہ بن ربيعہ ابو جهل وٽ آيا ۽ اچي چوڻ لڳا تہ اسان جو قافلو تہ با حفاظت بچي نڪري ويو آهي هاڻي جهيڙي جي ڪهڙي ضرورت آهي؟ توهان جي حيثيت اها آهي تہ جي توهان چاهيو تہ اها رتوچاڻ رڪجي سگهي ٿي. عتبہ بن ربيعہ ابو جهل کي راضي ڪرڻ لاءِ اها پيشڪش بہ ڪئي تہ اهو جيڪو اسان جو هڪڙو ماڻهون محمد ﷺ جي هٿان قتل ٿي ويو هو ان جي خون بها مان ادا ڪرڻ لاءِ تيار آهيان، باقي اسان جو قافلو تہ بچي نڪري ويو آهي ان ڪري اسان کي ان رتوچاڻ کان مڙي وڃڻ

گهرجي.

ان تي ابو جهل مقتول جي ياءُ کي گهرائي چيو تہ توهان جي ياءُ جي خون جو بدلو توهان جي هٿ مان نڪري رهيو آهي. هي آيا آهن ۽ چاهين ٿا تہ جنگ نہ ٿئي. ان عرب جي رواج جي مطابق ڪپڙا ڦاڙيا ۽ رڙيون ڪرڻ لڳو تہ مونکي تہ قصاص ۽ بدلو کپي مونکي خون بها نہ کپي! وري اهو تہ ابوجهل عتبہ کي اهو بہ طعنو هنيون تہ شايد تون بزدل ٿي پيو آهين چو تہ تنهنجو پنهنجو پٽ حذيفہ سامهون آهي. هڪ عرب جي لاءِ تہ اهو وڏو طعنو هو. ان چيو تہ نيڪ آهي اها تہ سڀاڻي خبر پوندي تہ ڪير بزدل آهي ۽ ڪير بهادر. نتيجتن اڳئين ڏينهن عتبہ پنهنجي ياءُ شيبہ ۽ پٽ وليد کي ساڻ ڪري ميدان ۾ آيو ۽ مقابلي لاءِ للڪاريائين. هوڏانهن ٽي انصاري صحابي مقابلي لاءِ ٻاهر نڪتا. عتبہ پڇيو، ڪير آهيو توهان؟ انهن چيو انصارِ مدينہ. عتبہ چيو نہ، اسان جو توهان سان ڪوبہ واسطو نہ آهي، پر اسان کي پنهنجي برابر جي ماڻهن سان وڙهڻو آهي اسان انهن هارين سان وڙهڻ نہ آيا آهيون. ان تي پوءِ حضرت حذيفہ ﷜ پنهنجي پيءُ جي مقابلي لاءِ اچڻ چاهيو پر پاڻ ﷺ منع ڪري ڇڏيو. پوءِ حضرت عليؓ حضرت حمزةؓ ۽ حضرت عبيده بن حارث رضي الله تعاليٰ عنهم ميدان ۾ نڪري آيا ۽ پهريون قتل حضرت حمزه رضي الله تعاليٰ عنہ جي هٿان عتبہ جو ٿيو. اهڙي طرح اهو ئي ماڻهون جيڪو جنگ روڪڻ پيو چاهي، پر بزدلي جو طعنو نہ سهي سگهڻ ڪري سڀ کان اڳ جهنم ۾ داخل ٿيو. حضرت علي رضي الله تعاليٰ عنہ شيبہ کي قتل ڪيو. پوءِ ٻئي لشڪر هڪ ٻئي سان ويڙھ ۾ جٽي ويا ۽ ان ۾ الله تعاليٰ پنهنجي مدد سان ايمان وارن کي ڪامياب ڪيو ۽ ان ڏينهن کي يوم الفرقان قرار ڏنو ويو.

اتان کان پاڻ ﷺ جي انقلابي جدوجهد جو آخري مرحلو شروع ٿي ويو. هيءَ هٿيار بند جنگ جنهن جي شروعات غزوه بدر کان ٿي، ڇهہ سال هلندي رهي. پاڻ ﷺ جي زندگي جا ٻارنهن سال دعوت ۽ تزڪئي، تنظيم

سازي ۽ صبر محض (كُفُّوْا اَيْدِيَكُمْ) جي مرحلن ۾ گذريا. هي مڪي جا ٻارنهن سال هئا. مديني ۾ اچي پاڻ ﷺ پهرين ڇهن مهينن ۾ پنهنجي پوزيشن ڄمائي، ان ڪانپوءِ اٽڪل ڏيڍ سال ۾ قريش جي خلاف جٿا موڪليندا رهيا جنهن جي نتيجي ۾ هي هٿيار بند ويڙهه ٿي. اهڙي طرح ڄڻ ته نانگ کي ٻر مان ڪڍيو ويو آهي، مان اها ڳالهه ڄاڻي واڻي چئي رهيو آهيان. ان ڪري جو مڪو ته حرم آهي، اتي وڃي جهيڙو ڪرڻ ڪا چڱي ڳالهه نه آهي. ان ڪري قريش کي اتان ڪڍڻ ائين هو ڄڻ نانگ کي ٻر مان ڪڍي اچجي ۽ پوءِ ان جي منڍي مروٽي وڃي. ان ڪري بدر ۾ انهن جا چوٽيءَ جا ستر سردار ماريا ويا جنهن سان انهن جي چيلهه ڀڄي پيئي. ان ڪانپوءِ ڇهه سال مسلسل جنگ هلندي رهي آهي، جنهن جي نتيجي ۾ غزوه بدر، غزوه احد، غزوه احزاب ۽ غزوه خيبر وغيره ٿيا. محمد رسول الله ﷺ دين جي غلبي جي هن جدوجهد لاءِ پوري تياري ڪئي هئي. ماڻهن کي تيار ڪيو هو، انهن جو تزڪيو ڪيو هو، انهن جي اندر جوش پيدا ڪيو هو ته هر ڇڻ باداباد، جانيون ڏيڻ لاءِ تيار آهيون، انهن کي ضابطي جو پابند بنائي ڇڏيو هو. ٻئي پاسي انهن جي للهيت ان درجي کي پهچي چڪي هئي ته :

شہادت ہے مطلوب و مقصودِ مؤمن　　　　نہ مالِ غنیمت نہ کشور کشائی

اها سموري تياري ڪري پاڻ ﷺ ميدان ۾ لٿا هئا. وري مٿان هٿيار بند ويڙهه جو مرحلو شروع ٿي ويو ۽ الله تعاليٰ ڪاميابي عطافرمائي.

جَاءَ الْحَقُّ وَزَهَقَ الْبَاطِلُ إِنَّ الْبَاطِلَ كَانَ زَهُوقًا

## انقلاب اسلامي جي واڌاري جو مرحلو

اٺ هجري يا نو هجري ملڪ عرب جي حد تائين انقلاب اسلامي مڪمل ٿي ويو هو. هاڻي ان کان پوءِ جو مرحلو سمجهي وٺو. ڪنهن به سچي انقلاب جي لاءِ آخري مرحلو انقلاب جي واڌ ۽ تصدير هوندو آهي هي ان جي لاءِ لٽمس ٽيسٽ (Litmus Test) هوندو آهي. اصلي انقلاب صرف اهو هوندو آهي

جو ڪنهن جاگرافيائي، قومي ۽ ملڪي حدن جي اندر محدودو نہ رهي، پر پکڙجندو رهي. ان ڪري جو انقلاب ڪنهن نظرئي جي بنياد تي ايندو آهي ۽ نظرئي کي ڪنهن بہ پاسپورٽ يا ويزا جي ضرورت نہ هوندي آهي جيئن هوا ۽ ککر بغير ڪنهن روڪ ٽوڪ جي هيڏانهن کان هوڏانهن هلي رهيا آهن بلڪل اهڙي ئي طرح نظريو بہ ويندو. نظريو پکڙجندو تہ انقلاب جي واڌ ٿيندي. جيڪو انقلاب پنهنجو پاڻ کي انقلاب تہ چورائي پر ڪنهن حدن جي اندر محدود ٿي رهجي وڃي اهو اصلي انقلاب نہ آهي، پر ان کي صرف ظاهري طور تي انقلاب چئبو. ان جو سڀ کان وڏو مثال ايران جو انقلاب آهي. جيڪر هي ظاهري انقلاب آهي تہ بادشاهت ختم ٿي ۽ عالمن جي حڪومت قائم ٿي ويئي پر اهو حقيقي انقلاب نہ هوڇو تہ ان ۾ واڌ نہ ٿي سگهي آهي. ان کي پاڪستان برآمد ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي ويئي هئي ۽ هتان جي اهل تشيع 1989ع ۾ جارحانا انداز اختيار ڪيا هئا پر انهن کي ڪاميابي حاصل ڪانہ ٿي، يا وري سڀ کان وڏيڪ سولائي سان عراق ۾ ايڪسپورٽ ٿي پئي سگهيو، ڇو تہ اهو گڏيل بہ آهي ۽ اتان جي پنجونجاهہ سيڪڙو آبادي شيعن تي مشتمل آهي، اتي بہ خميني صاحب کان Strategic غلطي ٿي ۽ ٻنهي ملڪن ۾ ٽڪراءُ ٿي پيو ۽ صدام حسين وڏي هوشياري جو ثبوت ڏيندي ان کي عرب ۽ عجم جي جهيڙي ۾ ڦيرائي ڇڏيو. ان طرح جڻ تہ عرب نيشنلزم ۽ ايراني نيشنلزم هڪ ٻئي جي مقابلي ۾ اچي ويا. بحر حال ڪنهن نج انقلاب جو لٽمس ٽيسٽ اهو آهي تہ اهو علاقائي حدن کان ٻاهر نڪري ٿو يا نہ. انقلاب فرانس رڳو فرانس تائين ئي محدو نہ رهيو آهي پرپوري دنيا ۾ پکڙيو آهي ۽ پوري دنيا ۾ جمهوريت جو دور آيو. انقلاب روس لاطيني آمريڪا ۽ ڪيوبا تائين پهتو آهي. اهو ئي سبب آهي جو محمد عربي ﷺ جي انقلاب جو بين الاقوامي ۽ عالمي مرحلو بہ جلد ئي شروع ٿي ويو جنهن جي شروعات پاڻ ﷺ خود ڪئي. تنهنڪري نہ رڳو عرب تائين انقلاب جي تڪميل پاڻ ﷺ ذاتي طور تي مڪمل فرمائي، پر اڳـــيـن

مرحلي ۾ انقلاب محمدي ﷺ جي واڌاري لاءِ بين الاقوامي ۽ عالمي مرحلي جو آغاز بہ پاڻ ﷺ خود فرمايو.

ان ڏس ۾ تي ڳالهيون نوٽ ڪري وٺو، تہ جيستائين صلح حديبہ نہ ٿيو هئو جنهن کي قرآن اِنَّا فَتَحۡنَا لَكَ فَتۡحًا مُّبِينًا○ قرار ڏنو، پاڻ ﷺ عرب کان ٻاهر نہ ڪو داعي ۽ مبلغ موڪليو ۽ نہ ئي وري ڪو خط پٽ ئي موڪليو، پر پوري توجه عرب جي اندر ئي مرڪوز رکيو تہ جيئن هتي انقلاب اچي وڃي. ڏهن سالن تائين پاڻ ﷺ مڪي کان ٻاهر وک بہ ڪانہ ڪڍي آهي، سواءِ ان جي جو عڪاز جو جيڪو ميلو لڳندو هو جنهن ۾ آس پاس جا قبيلا ايندا هئا ڪڏهن ڪڏهن پاڻ ﷺ اتي هليا ويندا هئا. پاڻ ﷺ پورا ڏهہ سال صرف مڪي ۾ پنهنجي دعوت پيش ڪئي آهي. ان کان پوءِ اٺن سالن تائين صرف جزيره عرب جي حدن اندر پاڻ ﷺ دعوت پيش ڪندا رهيا آهن. صلح حديبہ کان پوءِ بہ صرف پاڻ ﷺ خط لکيا آهن. پاڻ هرڪل: شاهہ روم، خسرو پرويز: شهنشاهہ ايران، مقوقس: شاهہ مصر ۽ نجاشي: شاهہ حبشہ کي خط مبارڪ لکيا آهن. اهو نجاشي ان وقت مري ويو هو جنهن پاڻ ﷺ تي ايمان آندو هو، ان کي تابعين ۾ شمار ڪيو ويندو آهي، ڇو تہ ان جي ملاقات پاڻ ﷺ سان نہ ٿي سگهي هئي. جيڪي صحابہ ڪرام رضي الله تعاليٰ عنهم حبشہ هجرت ڪري ويا هئا انهن سان ان جي ملاقات ٿي هئي.

رسول الله ﷺ جا خط مبارڪ کڻي ويندڙ ايلچين مان هڪ ايلچي کي سلطنت روما کي ڍل ڏيندڙن قتل ڪري ڇڏيو، جنهن جي نتيجي ۾ روم سان جهيڙو شروع ٿي ويو. ان ڏس ۾ پهريان غزوه موتہ ۽ پوءِ غروه تبوڪ ٿي. پاڻ ﷺ ٽيهہ هزار جي فوج وٺي ويهہ ڏينهن تائين تبوڪ ۾ پڙاءُ ڪري وينا رهيا. شهنشاهہ هرڪل ڇو تہ اهو ڄاڻندو هو تہ پاڻ ﷺ الله جا نبي آهن ان ڪري هو مقابلي ۾ نہ آيو، جڏهن تہ اهو لکن جي فوج سان شام ۾ پڙاءُ ڪيو وينو هو. قصو مختصر پاڻ ﷺ عرب جي ٻاهر انقلاب جي واڌ جي شروعات پنهنجي مبارڪ زندگي ۾ ئي ڪري ڇڏي هئي.

ان ڪانپوءِ خلافت راشده جي دور ۾ اسلامي فوجون ٽن طرفن ڏانهن پيشقدمي ڪئي آهي. هڪڙو لشڪر سڌو اتر ڏانهن وڌندو ايشيا ڪوچڪ ڏانهن ويو. ٻيو لشڪر اوڀر ڏانهن وڌيو ۽ عراق کان ٿيندو ايران، ترڪستان جيڪو ان زماني ۾ تمام وڏو ملڪ هو ۽ خراسان ڏانهن پيشقدمي ڪندو ويو. جڏهن ته ٽيون لشڪر ٿورڙو اولهه ڏانهن مڙي شام ۽ فلسطين مان لنگهي صحراءِ سينا مان گذري مصر ۽ پوءِ ليبيا وغيره کي اسلام جي رحمت جي ڇانو عطا ڪندو بحر اوقيانوس تائين پهتو. اهڙي طرح پهرين ٽن خليفن جي دور ۾ صرف چوٿائي صدي ۾ درياءِ گيحون کان بحر اوقيانوس (From Oxsus to Atlantic) تائين ۽ هوڏانهن اتر ۾ ڪوهه ڪاف تائين، ان پوري علائقي ۾ انقلاب محمدي ﷺ ڇانئجي ويو ۽ خلافت علىٰ منهاج النبوه جو نظام عمل ۾ اچي ويو. اها آهي عظمت مصطفيٰ ﷺ جي سفر جي داستان، جنهن جون ڪجهه نشانيون مون توهان جي سامهون رکيون آهن.

## عظمت مصطفيٰ ﷺ جو ظهور ڪامل :ڪڏهن ۽ ڪيئن؟

هاڻي آخري نقطو جيڪو مونکي چوڻو آهي اهو اهو ته پاڻ ﷺ جي ان عظمت جو آخري ۽ ڪامل ظهور اڃان باقي آهي. قرآن مجيد ۾ ٽي دفعا الله تعاليٰ فرمايو آهي:

هُوَالَّذِىٓ اَرۡسَلَ رَسُوۡلَهٗ بِالۡهُدٰى وَ دِيۡنِ الۡحَقِّ لِيُظۡهِرَهٗ عَلَى الدِّيۡنِ كُلِّهٖ ○

(التوبه 33، الفتح 28، الصف 9)

اهو ئي (الله) آهي جنهن موڪليو پنهنجو رسول (محمد ﷺ) کي الهديٰ (قران حڪيم) ۽ دين حق ڏئي ته جيئن غالب ڪري ان (دين حق) کي پوري جو پوري نظام زندگيءَ تي.

هن موضوع تي منهنجو ڪتاب ”نبيءِ اڪرم ﷺ جي موڪلڻ جو مقصد“ هن آيت مبارڪ تي مشتمل مقالو موجود آهي. مٿين آيت جي سبب سان رسول الله ﷺ کي موڪلڻ جو مقصد دين جو غلبو آهي ، جڏهن ته بعثت

محمدي ﷺ سموري انسان ذات جي لاءِ آهي. اهو مضمون قرآن مجيد ۾ مختلف لفظن ۾ پنج دفعا آيو آهي. پر ان سلسلي ۾ اهم ترين آيت هيءَ آهي ته:

وَمَا اَرْسَلْنٰكَ اِلَّا كَآفَّةً لِّلنَّاسِ بَشِيْرًا وَّ نَذِيْرًا ○ (سبا 28)

اسان ناهي موڪليو توهان کي (اي محمد ﷺ) پر پوري انسان ذات جي لاءِ بشارت ٻڌائڻ وارو ۽ خبر دار ڪرڻ وارو بنائي.

انهيءَ اڳ پوءِ کي ملائي ڏسو ته نتيجو اهو ٿو نڪري ته بعثت محمدي علي صاحب الصلوٰة والسلام جو مقصد مڪمل ڪمال کي ان وقت پهچندو جڏهن پوري الله جي زمين تي ۽ پوري عالم انسانيت تي الله جو دين غالب ايندو، تنهڪري :

وقت فرصت ہے کہاں کام ابھی باقی ہے
نور توحید کا اتمام ابھی باقی ہے!

حديث نبوي ﷺ ۾ قيامت کان پهرين عالمي اسلامي غلبي جون پيشنگوئيون موجود آهن. محمد رسول الله ﷺ خبر ڏني آهي ته قيامت کان پهرين پوري زمين تي نظام خلافت عليٰ منهاج النبوه قائم ٿيندو. اسان کي يقين آهي ته اهو دور ضرور ايندو ۽ ان وقت حقيقت ۾ الله جي رسول ﷺ جي موڪلڻ جو مقصد پوري طرح ڪمال کي پهچندو. اڄ کان چوڏهن سئو سال پهريان خلافت راشده جي دور ۾ اسلامي فوجن جهڙي طرح ٽن طرفن ڏانهن پيشقدمي ڪئي هئي ان وقت اسلام جو عالمي غلبو ڪو پري نظر نه پئي آيو. اتر طرف وڌندڙ فوجن ايشيا ڪوچڪ ۾ وڃي ساهه کنيو هو ۽ اوڀر ۽ اولهه ۾ اهڙي طرح فتحون تي رهيون هيون جو "رکتا نہ تھا کسی سے سیل رواں ہمارا" ڪابه طاقت اهڙي نه هئي جيڪا اسان جي ان طوفان کي روڪي سگهي، پر ان وقت اسلامي انقلاب کي اندر کان ڪاٽ هنيو ويو. عبدالله بن سبا نالي هڪ يهودي اسلام جو لباس اوڍي اندروني طور تي انتشار ۽ خلفشار پکيڙي مسلمان کي مسلمان سان ويڙهائي ڇڏيو. انهيءَ خلفشار جي نتيجي ۾ حضرت عثمان رضي الله تعاليٰ عنه جي شهادت وارو واقعو پيش آيو ۽

ان کان پوءِ چئن سالن تائين مسلمانن ۾ خانہ جنگي ٿيندي رهي جنهن ۾ هڪ لک مسلمان هڪ ٻئي جي تلوارن ۽ نيزن جو نشانو بنجندا رهيا ۽ قتل ٿيا. اسلامي فتحن جو سلسلو نہ رڳو رڪجي ويو پر رجعت قهقهري جو شڪار ٿي ويو. پر اسلام جي عالمي غلبي جو اهو ڪم ٿيڻو آهي جنهن جي خبر محمد رسول الله ﷺ ڏني آهي. ۽ حالات ٻڌائي رهيا آهن تہ اهو ڪم ڪو گهڻو پري نہ آهي. اسان جي شاعر مشرق حڪيم الامت علاما اقبال جيڪو وڏو دورانديش (Visionary) ماڻهون هو، جنهن جي پنهنجي دعويٰ آهي تہ ع ” گاہ مری نگاہ تیز چیر گئی دل وجود“ ان دل وجود کي چيري ڏسڻ واري نظر سان مستقبل جي پڙدن کي ڦاڙي ڏٺو آهي تہ ڇا ڇا ٿيڻ وارو آهي. ڇا تہ وجد جي ڪيفيت هوندي جڏهن مسجد قرطبہ جي ٻاهران وهندڙ دريا جي ڪناري تي ويهي علامہ اقبال پنهنجو هي وجدان پيش ڪيو هوندو تہ: ع

آبِ روان کبیر تیرے کنارے کوئی
دیکھ رہا ہے کسی اور زمانے کا خواب
عالم نو ہے ابھی پردہءِ تقدیر میں
میری نگاہوں میں ہے اس کی سحر بے حجاب
پردہ اٹھا دوں اگر چہرہءِ افکار سے
لا نہ سکے گا فرنگ میری نواؤں کی تاب!

علامه اقبال وري چوي ٿو:

آسماں ہو گا سحر کے نور سے آئینہ پوش
اور ظلمت رات کی سیماب پاہو جائے گی!
پھر دلوں کو یاد آ جائے گا پیغامِ سجود
پھر جبیں خاک حرم سے آشنا ہو جائے گی!
آنکھ جو کچھ دیکھتی ہے لب پے آسکتا نہیں
محو حیرت ہوں کے دنیا کیا سے کیاہو جائے گی!

شب گریزاں ہوگی آخر جلوہء خورشید سے!
یہ چمن معمور ہوگا نغمہ توحید سے!

بس اهو دور اچي ئي رهندو، پر ياد رکو تہ اهو اهڙي ئي طرح ايندو جيئن مُحَمَّدٌ رَّسُولُ اللهِ وَالَّذِيْنَ مَعَه، جي محنت ۽ قربانين سان آيو هو. اهي ماڻهون سراسر محروم رهجي ويا جيڪي ان دور ۾ موجود هئا ۽ پوءِ بہ اهي ان جدوجهد ۾ شامل نہ ٿيا. اهي ڪفر جي جهولي ۾ ويٺا رهيا يا انهن نفاق جو پڙدو ويڙهي رکيو. اهي ماڻهون انتهائي بدبخت ۽ محروم هئا جن کي محمد رسول الله ﷺ جو وقت سعادت مليو پر اهي پاڻ ﷺ جا ساٿي نہ ٿيا. انهن جي لاءِ روحاني ترفع، مٿاهان مقام ۽ جنت جا اعليٰ درجا حاصل ڪرڻ جا ڪيترا موقعا هئا پر اهي ماڻهون محروم رهجي ويا. ۽ جن مُحَمَّدٌ رَّسُولُ اللهِ وَالَّذِيْنَ مَعَهٗ اَشِدَّآءُ عَلَى الْكُفَّارِ رُحَمَآءُ بَيْنَهُمْ واري روش اختيار ڪئي اهي ڪامياب ٿي ويا. ( آيت جو ترجمو: الله جو رسول محمد ﷺ ۽ اهي ماڻهون جيڪي ان جا ساٿي آهن ڪافرن تي گهڻو سخت ۽ پاڻ ۾ رحيم آهن.) ۽ انهن ڪامياب واپار جي راهہ اختيار ڪئي، اهي ڪامياب ٿي ويا. جنهن جي باري ۾ قرآن شريف ۾ فرمايو ويو تہ:

يَا أَيُّهَا الَّذِينَ آمَنُوا هَلْ أَدُلُّكُمْ عَلَى تِجَارَةٍ تُنْجِيكُمْ مِنْ عَذَابٍ أَلِيمٍ ○ تُؤْمِنُونَ بِاللهِ وَرَسُولِهِ وَتُجَاهِدُونَ فِي سَبِيلِ اللهِ بِأَمْوَالِكُمْ وَأَنْفُسِكُمْ ○ (الصف 10، 11)

اي اهي ماڻهون جن ايمان آندو آهي! ڇا مان توهان جي رهنمائي نہ ڪيان اهڙي واپار ڏانهن جيڪو توهان کي ڏکوئيندڙ عذاب کان بچائي ڇڏي؟ ايمان آڻيو الله ۽ ان جي رسول (ﷺ) تي ۽ جهاد ڪيو الله جي راهہ ۾ پنهنجي مال ۽ پنهنجي جان سان.

هيءَ صورت مبارڪ هنن لفظن سان ختم ٿئي ٿي:

يَاَيُّهَا الَّذِيْنَ اٰمَنُوْا كُوْنُوْٓا اَنْصَارَ اللهِ اي ايمان وارئو الله جا مددگار ٿيو!

ان ڪانپوءِ هي لفظ اچن ٿا تہ :

مَنْ اَنْصَارِيْٓ اِلَى اللهِ ڪير آهن منهنجا مددگار الله جي راهہ ۾؟

ته جاڳي وٺو ته اسلام جو عالمي انقلاب سڏي رهيو آهي ۽ مَنْ اَنْصَارِيْ اِلَى اللهِ جو آواز اسان پنهنجن روحاني ڪنن سان ٻڌي سگهون ٿا. اقبال حق ۽ باطل جي ميلاپ جي باري ۾ چيو هو:

ستيزه کار رہا ہے ازل سے تا امروز
چراغ مصطفوی صلی اللہ علیہ وآلہ وسلم سے شرارِ بولہبی

حق ۽ باطل جي جنگ ختم نه ٿي آهي، پر هڪ نئين شان ۽ نئين هيبت سان اڄڻ واري آهي. علاما اقبال چواڻي:

دنیا کو ہے پھر معرکہ روح بدن پیش
تہذیب نے پھر اپنے درندوں کو ابھارا
اللہ کو پامردی مومن پہ بھروسہ
ابلیس کو یورپ کی مشینوں کا سہارا

قرآن جي لفظن ۾ بَاْسٌ شَدِيْدٌ ۽ حديث نبوي جي لفظن ۾ اَلْمَلْحَمَةُ الْعُظْمٰى جلد ئي اچڻ واري آهي، اها گهڙي پري نه آهي ان حق ۽ باطل جي ويڙهه لاءِ ڪُوْنُوْا اَنْصَارَ اللهِ جو سڏ ٻڌڻ ۾ اچي رهيو آهي، غزوه حنين ۾ رسول الله ﷺ سڏيو هو:

اَلَا يَا عِبَادَ اللهِ اَلَا يَا اَصْحَابَ الْبَدْرِ اَلَا يَا اَصْحَابَ الشَّجَرَةِ

مونڏانهن اچو اي الله جا ٻانهو ! ڪاڏي ٿا وڃو اي بدر ۾ ساٿ ڏيڻ وارئو؟ ۽ حديبيه ۾ بيعت علي الموت ڪرڻ وارئو! مونڏانهن موٽي اچو!!

اڄ به اهو سڏ عملن موجود آهي، ڪير آهي جيڪو انهيءَ سڏ کي ورنائي؟ جيڪو پنهنجو تن، من، ڌن ان جي لاءِ وقف ڪرڻ لاءِ تيار هجي؟ اهو آهي محمد رسول الله ﷺ سان اسان جو عملي ساٿ، اسان جو عملي واسطو. اهو ئي حبِ رسول ﷺ جي تقاضا آهي. عيد ميلاد جا جلوس ڪيڻ ۽ محفلون سجائڻ حب رسول ﷺ جي تقاضا نه آهي حب رسول ﷺ جي تقاضا اها آهي ته پاڻ ﷺ جي مشن کي پوري ڪرڻ جي لاءِ تن، من، ڌن کپايو وڃي. حب رسول ﷺ جي تقاضا کي حضرت ابوبڪر رضي الله تعاليٰ عنه سمجهيو هو، جنهن پنهنجو سڀ

ڪجھ نثار ڪري ڇڏيو. هڪ ئي وقت ۾ گھر ۾ ٻهارو ڏئي سڄو سامان آڻي حضور ﷺ جي پيرن ۾ رکي ڇڏيائين، ۽ جڏهن ان ڪان ان جي باري ۾ معلوم ڪيو ويو ته فرمايو هئائين ته گھر ۾ الله ۽ الله جي رسول ﷺ جو نالو ڇڏي آيو آهيان. الله ۽ ان جي رسول ﷺ سان محبت ڪرڻ وارا ته اهي هئا. محفلون ڪرڻ، ويهي سلام پڙهڻ يا جلوس ڪڍڻ حب رسول ﷺ نه آهي! حب رسول ﷺ ته اها آهي ته خلافت عليٰ منهاج النبوه جي قيام جي جدوجهد ۾ جان، مال ۽ وقت لڳايو وڃي. ان ڏس ۾ توهان منهنجي ٻن رسالن "حب رسول ﷺ ۽ ان جون گھرجون" ۽ "نبي اڪرم ﷺ سان اسان جي تعلق جا بنياد" جو مطالعو ڪيو. انهن ۾ هڪ پورو پيغام عمل ۽ دعوت عمل موجود آهي. اسلام جو عالمي غلبو ۽ نظام خلافت جو قيام هڪ اٽل عمل ۽ هڪ اٽل حقيقت آهي، ان ۾ ڪنهن به شڪ ۽ شبهي جي گنجائش نه آهي. ها فرق رڳو ان ڳالھ ۾ هوندو ته ڪير درجاتِ عاليا کي حاصل ڪرڻ جي سنهري موقعي مان فائدو حاصل ڪري ٿو ۽ ڪير پنهنجو پاڻ کي محرومن جي لسٽ ۾ رکي ٿو. الله تعاليٰ مونکي ۽ توهان کي توفيق ڏئي ته اسان ان ڪشاڪش خير و شر ۽ روح و بدن جي وچ ۾ جيڪو مقابلو هلي رهيو آهي، ان جو Climax جيڪو اچڻ وارو آهي، ان ۾ حق جا سپاهي ۽ الله جي دين جا خادم ٿي قرآن حڪيم جي هنن لفظن جي عملي تصوير بڻجي وڃون:

إِنَّ صَلَاتِي وَنُسُكِي وَمَحْيَايَ وَمَمَاتِي لِلَّهِ رَبِّ الْعَالَمِينَ ○

بيشڪ منهنجي نماز، منهنجي قرباني، منهنجو جيئڻ ۽ منهنجو مرڻ ان جي لاءِ آهي جيڪو سمورن جهانن جو رب آهي.

ان جي لاءِ پڪو عهد ۽ فيصلو ڪيو ته اسان کي انهيءَ جدوجهد ۾ پنهنجو پاڻ کي مڪمل کپائي ڇڏڻو آهي.

وَمَآ أَرْسَلْنٰكَ إِلَّا رَحْمَةً لِّلْعٰلَمِيْنَ

وَرَفَعْنَا لَكَ ذِكْرَكَ

بیشک ہم نے آپ ﷺ کا ذکر بلند فرمایا